# آتم وشواس

ڪھاڻيون

*Aatam Vishwas*

(Short Stories)


# سندري اُتمچنداڻي

*Sundri Uttamchandani*


www.sundriuttam.com


www.sindhisangat.com

Download free Sindhi movies from

www.sindhisangat.tv

# فهرست


- روسامو
- منهنجا مارو ڪٿي؟
- آخرين فيصلو
- ننڍڙڪي
- پئڪنگ گول
- قرباني
- آتم وشواس
- پيد ياو جو پوت
- هرجس ۽ چيتن
- سنڌيءَ جي سڪ
- پوساٽ
- طلاق کان طلاق تائين
- ولر کان وچڙيل

# روسامو

ڪڪي دريءَ جي ٿڌين سيخن تي مٿو رکي ويٺي هئي. نظر سندس اڇن ڪبوترائن بادلن تي ڪتل هئي. ريشمي ساڙهيءَ جا ڇڻ ڇيلهه وٽان نڪري پري پکڙجي ويا هئا، عين ان پريشان جهرڻي جيان جو جبل ۾ پاڻ نه سمائي سگهيو هجي.

ماءُ پير جي آڱوٺي ۾ اڱٺ وجهي ڪيتري دير کان مڙهڻ بند ڪري ڪڪيءَ جي سرير ۾ نگاهن کي ڏسي رهي هئي. رکي رکي ايرنڊڙ شرميلي راڳ کي ٻڌي رهي هئي...

جيوت جو وسريل باب سندس اڳيان کلي پيو. اڌ صدي اڳ جي جيون کي تصور پنهنجي پرن تي کڻي اچي وايومنڊل ۾ پري ڇڏيو. اهڙي تڙف، اهڙي دري، اهڙيئي ٿڌيون سيخون، اهڙوئي انتظار. سڄڻ جو خط نه آيو هو. جڏهين پرين پرديس کان آيو هو تڏهن چاچين پينرن، پاڄاين فقط گالهيون ئي ڪيون هيون ڪڪيءَ جي ماءُ جون ۾ نتيجي ۾ مليو هو اشوڪ واٽڪا ۾ ويٺل سيتا جي اڃاٽ من جو انتظار. ورهيه گذري ويا، مندون موٽي ويئون. سڄڻ نه پاڻ آيو نه خط موڪليائين. ان وچ ۾ ڪڪيءَ ٻه اچي وهياتري ٿي، مگر آسمان جا تارا روز ساڳي هيٺاهين ساڳي ملوڪڙي کڻي نڪرندا هئا. چندرما جي پيلاڻ پسي ڪڪيءَ ماءُ جا چپ هڏبا ٿيندا ويا. ڪڏهين چندر سان ڳالهيون ڪندي پڇندي هئي، "ڏوهه ڪهڙو ڪيم ٻس اهڙي نه، جو ڪڏهن قاعدي ٻڌو ڪين ڪليم، قاعدي ٻڌو پير نه رکيم زمين مٿان! سس نران جو روئڻو نه رنم. منهنجي پيار سان پُر سيني منجهه پلا شڪايتن جي جڳهه ئي ڪٿي هئي؟ مون نه سڄڻ کي اهي سک جا ڇهه مهنا فقط پريت جا جام پري پري پيئارڻ تي چاهيان. ڪڏهين نه ساڪيون ياد ڪيون هيم، ڪڏهين نه ڏوهيڙا ياد ڪيا هئم، پلا پرديسي پريتم کي انهن ڪانسواءِ ٻه ڪجهه ٻڌائڻ ضروري هو؟ مگر هاءِ ڙي پريت جا گل! تنهنجي جوين تي پهرو ڏيڻ لاءِ حرفت جو ڪوٽ ٻه اڏڻ ڪپندو هوم. ڏس نيٺ سڄڻ سڪائي ويو نه مونکي! ڪومائي ڇڏيائين نه من ڪنول!؟"

ڪڪيءَ جي ماءُ ڪان سرد آهه نڪري ويئي. ماءُ ڪڪيءَ جي ويجهو اچي ويني وري اڳٺ مڙهڻ چالو ڪري ڇڏيائين. ٿوري وقت ڪانپوءِ جڏهين سندس من قلبوءَ ڪان نڪري ويو، تڏهين سڏ ڪيائين "ڪڪي"

ڪڪيءَ ڪان ڇرڪ نڪري ويو. ماءُ خود ڏڪي ويئي، "ڇو ڪڪي ڊڄي ڇو ويئينءَ؟"

ڪڪيءَ ورن ورن ٿيندي چيو، "ڪئين‌ٿي شايد ڪنهن خواب ۾ ڪوهجي ويئي هئس. لڳم ڪنهن اڪيليءَ واديءَ ۾ ويني آهيان جنهن ۾ جهرنا پيا وهن... آس پاس ڪئين جهنگلي گاهه ۾ گل‌بينا آهن، جن مان عجيب دل سسڪيندڙ سڳنڌ پيئي نڪري. هوا پيئي وڻن جي پنن مٿان ڇن ڇن ڪندي لنگهي. منهنجا وار پيا اڏامن، ڪپڙا پيا ڏامن، تن ڪان وڏيڪ من پي ان اداس وادي ڪان پري اڏي وڃڻ لاءِ آمادو ٿئي... اڙي تون ته روئين ويني امي!"

هيٺان آواز آيو: "ڪڪيءَ ماءُ! ستسنگ ۾ ڪانه هلندينءَ ڇا؟"

ڪڪيءَ ماءُ "ها ها" ڪندي اٿي پير مان اڌ مڙهيل اڳٺ لاهي رکيو. پڇيائين "ڪڪي، مان يلي وڃان؟ تون پاڙي واري ليلان وٽ وڃي من وندرائيندينءَ؟"

رات جو جڏهين ڪڪي ساهيڙين سان ساڪيون لاڏا ڳائي گهر موٽي ته ڏٺائين ماءُ گهٽو اڳ پهچي ويئي هئي. ڪڪيءَ، ماءُ طرف ڏنوءَ ڪين، الئجي ڪيئن ڪيس لڳو ته سندس ڇاتيءَ تي ڪوئي ڪٽرتا جو سينور چنبڙي پيو آهي. مونکي هيتري دک ۾ ڏسي امي ٽڪاٽي ۾ هلي ويئي نه!"

ماءُ چيو، "ڪڪي! ڪچٽي اهڙي رڏي اٿمانءَ جو رکي ڪچٽي پاڙ سانڀ پيئي وٽنڊءِ" ڪچٽيءَ جي پلاهه جهڙي سڳنڌ ته ڪڪيءَ جي نڪ ۾ڀ گهڙي ويئي هئي، مگر ڪڪيءَ جي سينور ڪيس اندرين تنتن ڪي ڇهڻئي نه ڏنو.

ماءُ ٿالهي پيلئي ڏڌ ڪٽوري رکي انب وڍڻ ويني. ڪڪيءَ پنهنجي چوٽيءَ ڪي پنيان زور سان ڇڪيندي چيو، "تو ته چيو رکي ڪچٽي ڪلئبي!"

"رکي ڇو ڪلئبي ڊول پٽ ڪي ڪير ڪارئيندو رکي ڪچٽي!"

ڪڪيءَ ڪي ماءُ جا هي اکر ڪوڙي دوا وانگر لڳا. ڪنهن طرح گراهي ڪٽي،

ٻاڙي وارين جي اوپاري لهواري هڪٻئي سان ڪريٻئي ماءُ ٿيئر سمهي رهيون.

ڪيتري رات ٿڪيٽئين ٻئي پاسا ورائيندي رهيون. آخر هڪ ڪي جوانيءَ جي نشيءَ ڪيٻداپي جي ٿڪ، ننڊ جي گود ۾ اڇليئي ڇڏيو.

صبح جا ڪرٽا ڪڪيءَ جي من تان جميل سينور لاهڻ جي ڪوشش ڪري ٿڪي ويا، مگر من نہ ٿهي نہ ٿهيو. منجهند گذري شام اچي ٿي، پوءِ ٻنهي ماءُ ڌيءُ فقط ٿورا اکرئي پاڻ ۾ مس ڳالهايا.

سانجهيءَ تاٽي آسمان ننڍن ننڍن ٻادلن سان جهرمر ڪيو ويٺو هو. هڪ ٻن ڪڪرين ٿوريءَ وسڻ ڪئي هئي. زمين مان پسيل مٽيءَ جي سڳنڌ ٻئي نڪتي، پري ڪنهن وڻ هيٺان هڪڙو چوڪروٻنسري وڄائي رهيو هو.

ڪڪيءَ جو منٻانولو ٿي ويو. وئي جوٻُڪر ويڙهي چوٽ تي هلي ويئي. اداس، پري پري پکڙيل آڪاس هيٺان، چپ چاپ پٽ ۾ ليٽي پيئي. گرم پٽ مٿان هلڪيءَ وَسَ سبب پريشان ڪندڙ هڪ غبار نڪتو هو. ڪڪيءَ انجي سڳنڌ جو پورو پورو ذوق وٺڻ لاءِ اکيون پوري ڇڏيون. غبار من جي پريشان وادين جي سڄ سان ٿڪرجي، رجي، پاٽي ٿي پيو ۽ ڪڪيءَ جي اکين جي ڪنڊن وٽان قطرا ڪرڻ لڳا. اوچتو ڪنهن اچي سندس اکين تي هٿ رکيا. ڪڪيءَ پنهنجي هٿن سان اکيونٻند ڪندڙ جونٻانهون ڇهي ڏٺيون... هاءِ مردانيونٻانهون! ڪڪي ڇرڪ پري اٿي ويٺي. مورت جا سندس سامهون هئي، انکي ڏسي ولڪڙي ٿي ويئي. ڪيتري دير چپ ويٺي رهي. پريان مندرن جا گهنڊ وڄي رهيا هئا.

شيام پڇيو، ”سچ، تو ڏاڍو ياد ڪيو مونکي؟“ ڪڪيءَ پنهنجو ڪنڌ ڪٽي پٽيءَ جي گود ۾ رکيو. شيام سندس وار سهلايا تہ ڪڪي جُهڙي پيئي. ڏينهن، رات ڪي پنهنجي وجود مٿان خوشيءَ سان وکوڙجڻ ڏنو. شيام شيامئي نہ رهيو. راڌا جيان سندس اکڙين جل هاري ڇڏيو.

ڪنهن ڪُڏ جيٻتيٻاري ڇڏي. ڪڪي شيام جي کيسي مان چٺي ڪڍي ورتي. ڪنهن لکي آهي هيءَ چٺي! ڏڏندڙ هٿن وارا، چڪن سان پريل، اکر ڏسي ڪڪيءَ جو من پرجي آيو. تڪڙو تڪڙو پڙهڻ لڳي، ”سڄڻ پٽ! ناني پٽنٻرلبر ئي ٿيندا آهن. پوءِ ماءُ کي دکي ڏسي تنهنجي دل تہ دکندي نہ! ڇو؟ اڄ سومر جو

ورت وات ۾ اتم، ڪوڙ نہ لکنديس. ڪڪي تو لاءِ ڏاڍي پريشان آهي. دريءَ جي سيخن تي مٿو رکي ڪڪرن کي الاڄي ڇا ڇا وينيءِ ٿلڪي جهيٽو جهيٽو پيئي ڳڪي من اٿس ڏاڍو پريل. ور ور ڪيو اکيون ٿميوهہ پونس ٿيون. ڏوهہ سندس کهڙو آهي، سو تہ مان ڇئي نٿي سگهان، پر کهڙيءِ ڏوهہ جي سزا تي رسڻ تو جهڙي رانجهن کي ڪين سونهندو. عمر منهنجي تہ ڪٽيندي سکندي گذري. سس، نران ڪڪيءَ جي پيءُ جا ڪن پري چڏيا. مون تہ سندن ڏکہ سور ساڻس ڪين رنا، شايد جن دکيءَ کي ڏکويو، تن سمجهو متان مان ڪجهہ سجڻ سان چلي وجهان، تنهن کان اڳڻئي سندس ڪن پري، مونکان پري ڪري ڇڏيائيونس. منٺار! مون جيڪي پوڳيو آهي سو مان ٿي ڄاڻان. وري نہ شل ڪا آندي جهڪي اهڙو ڪشٽ ڏسي. جلدي پنهنجي ڪنوار کي ڪو پيار پريو خط لکہ. مان اکين سان اها ڇتي ڏسان تہ من تي ڪو ٺار پوپم.

تنهنجي پريم پري ماتا. (”امي اي اي“ چوندي ڪڪي ايڏي تہ ٻيلہ ۾ ڊڳهي ڪيڪ ڪئي جو شيامڻئي وڪڙو ٿي ويو. ڪڪي ڊڪي ڏاکڻ ڏانهن ٿئي ويئي جو شيامٻانهون پڪڙي پڇيس، ”مونکي ڇڏي ڪيڏانهن؟“ ڪڪيءَ ٿمندڙ اکيون اگهي چيو ”اميءَ کان جو رني آهيان، سو پرچڻي نہ اچانس؟“

چوندي چوندي ڪڪيٻہ ڏاکا ٽپندي هلي ويئي.

# منهنجا مارو ڪتي

سنڌونگر آهي، سنڌين جو تيرٿ آستان...

پوئين صبح جو ڀڳت جو آوازمبي گهر پکيءَ جي ڪوڪ جيان پڪاري پيو: "منهنجا مارو ڪتيءِ ملير ڪتي...

آٽي هاءِ وڏو، تقدير ڪتي..."

ٽڪريءَ تي پکڙيلمبئرڪن نما گهرن ۾ وڏڙيون جاڳي پيئون آهن...

"امڙ تون سڏڪا ڇو پيئي پرين؟"

"پٽ! هي ڀڳت وارا ڪيڏو ٿا ياد ڏيارين سنڌ جي... منهنجا مارو ڪتي..."

"اڙي منهنجي امڙ ڇا پيئي ڪرين... سمجهه ڪٽي هيءَ تنهنجي سنڌ آهي... ڇڻ ڊومٽواهه تي ڀڳت پيئي پوي... تون ويٺي ماوئيءَ جون پڪارونبڌين..."

"هئو پٽ!مڪين نہ جتي سنڌي تتي سنڌ آهي... پر ڇا ڪريان من نٿو جهلجي..."

"اڙي وري پيئي ڦتڪين... هان وٺ پاڻي پيءُ نہ..."

"پپا! ممي ڪيون لوتي (روتي) هيءَ؟"

"اڙي گل پٽ جاڳي آهين! تون مما سان سنڌيءَ ۾ نٿي ڳالهائين انڪري ٿي روئي..."

"نہ مما! هاڻي مان توچا چنڌيءَ ۾بات ڪندچ"ٻالڪيءَ طوطلي زبان ۾ چيو)

"ها پٽ، چو نہ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندينءَ. سنڌين جيٻچڙي جو آهين."

"ها مما مان چنديءَ (سنڌي) ۾ ڳالهيندچ."

"امڙ تون پاڻي پيءُ. گليٻار! گاليندچ نہ چئہ، ڳالهائيندس چئہ."

"واه ڀڳوان.. ڪيڏو سيتل جل آهي سنڌونگر جو. جهڙي سنڌو درياهہ جي ڏات!"

"ڏس امڙ سنڌو ندي نہ ساڳي هئي پر گدوبندر وٽ انڪي وڏو درياهہ چوندا هئا..."

”امڙ توکي ٿيو ڇاهي... ڄڻ نپنيءَ سنڌ ۾، اتي درازن تي وڃي سچل سائينءَ کي پوڄيئه، ڀٽ شاهه جون وري زيارتون ڪيئي اڄا سک ڪانه پوري ٿي اٿيئي؟ هاڻي ڇڱو ڀلائين اٿيئي ته هيڏيءَ وڏيءَ عمر ۾ سنڌونگر جي سنتن درويشن جي پوڄيءَ ڪيئي سنڌ ڪري سمجهڻ ڏين ويني نه ڀڳت جو آواز...“

ڀڳتمڻ سچ ٿو چوي..”ديسي دوست مٽي ڏاريا سيڻ ڪرڻ - آهي موت ڪان وڌ پنهنجو ملڪ ڇڏڻ...“

”چوان ٿو سنڌونگر ڪيئي هاڻي پنهنجي سنڌ ڪري ڪٿي سمجهه“

”موڪڏس اڄا ته سرڪار سنڌونگر نالوڻ نٿي قبول ڪري. ڪلياڻ، ڪليان ۽ الهاسنگر وينا چون... سنڌي جا ساڳيا راڳ اڄ روئارين ٿا مونکي“

”وئاريندڙ راڳ ته تونڻ ڳائيندي هئينءَ:

چوبند ڪييءبند ڪاري هت منهنجا نيڻ رڙن...“

”اڄڻ وڃڻ جون راهونئيبند ٿي ويئون آهن، ڪيئن نه نيڻ رڙندا“

”تون ته امڙ ڪلندي روئي ٿي پوين“

”ڇڏ ماريا، تون ته اڄا ننڍو هئين، جڏهن سنڌ ڇڏيسين. مونکي ته سيني مٿن ملائن اوڙن پاڙن جون يادگيريون ٿيون ستائين....“

”امڙ، هاڻي ته سدا وَسي سنڌونگر، تيرٿ تروڻ اهوئي اٿيئي. سنڌو جي يادن جو البم اهوئي اٿيئي...“

”پرڀچا تونڻ ته ڏاڍو اداس ٿو لڳين. ماڻڻ ڏسان ويني هن پوئين صبح جي مهل وري وري پيپولڀاسيون ڏين“

”امڙ اداس ٿيڻ جو سبب آهي نه. سنڌيڀولي جيڪلئي سک ميلاپ جو ڏاڳو وڃي رهي آهي، ان تي اڄي گرهه چاري ويني آهي. وڏن شهرن مان سنڌي اسڪول ڪجندا پيا وڃن، ننڍن شهرن ۾ڻ ڪانوينٽن جو زور آهي. ڇا ڪجي...؟“

”هت منهنجي سنڌي تخم کي اڄي ڪيڙو لڳو آهي. ڏس، تنهنجي راڻيڻ ته ڪانوينٽ جي پڙهيل آهي نه“

”پر هاڻي تہ هنن ٻنهي کي تو وٽ ڇڏيو آهي تہ وڃي سنڌي سيکاريس.“

”هڪ ٻہ ٻيا جوان ميم صاحبان ڪري نوڪري ۾ گهمي ڦري، مان پيرسن(ٻڌي) ڪريانس ڏيءُ جي چاڪري.“

”اهو تہ وڃهہ مليو اٿيئي، پوٽيءَ کي سنڌيءَ جي ستي پيئاري جيون سڦلو ڪرين.“

”نريو ملڪ! پٽ، هي اڄ ڪانوينٽن جا پڙهيل ٻچا هڪٻئي کي سنڌي سمجهي سڃاڻندا؟ سنڌي آهن جوڳارو اٿو. هڪٻئي کان پاسو ڪري هلڻ وارا آهن.“

”امڙ! ڏس تون آهين اسانجي سدا جوان سنڌياڻي ماءُ! تون ننهن جي ڳالهہ کي ٻڌين وانگر ٻي سمجهيءَ سان نہ ٻڌ.“

”ماريا ڏاڍو چرچڪي آهين. هاڻي مان آهيان سدا جوان! هڪ پير مسڻ ۾ وڃي پهتو اٿم... ڀلا ڪهڙي ٻي سمجهي ڪئي اٿم ننهن لاءِ؟ ڳالهہ ڪر.“

”امڙ هوءَ چوي ٿي ڪاليج ۾ مونکي ٻين جاتين اڳيان شرمندو ٿيڻو پوندو هو. سنڌين جون خاص ريتيون، رسمون، رواج، ڳالهڻ، وهنوار جوسهڻو سنڌي ڍنگ نہ ايندو هو. انڪري ڏيءُ کي تو وٽ موڪليو اٿس تہ تون روز انهيءَ نڪر جي ناڪر ۾ سنڌي ساهہ پريندينءَ... پر تو چيو تہ جوان ميم صاحبان گهمي ڦري ۾ تون ٻڌي چاڪري ڪرين.“

”اڇا! هيءَ تہ وڏي زوراوري آهي. پر ٻچا ڳالهہ هاڻ مونکي سمجهہ ۾ ملئي آهي. گلڙيءَ کي ڏسج ڪهڙي ٿي پڪي سنڌياڻي ٻڻايانس. ڏس هيءَ تہ سمهي پيئي. چوڪري ڏاڍي نٽ ڪٽ آهي. چي: مونکي پيا مڇ جا وار چوي پيو... گهوري وڃان پنهنجي ننڍڙي سنڌياڻيءَ تان.. جان سان ٿي لڳايانس تہ لحظائي لهيو وڃنم... ڏس وري وينو ڳڻيئي پڳت:

”جن جو ملڪ ويو تن جو ڪهڙو جيئڻ،
ايندي ساهہ سڙيل کي سـڌيـر ڪـتـي؟
منهنجا مـارو ڪـتي ۾ مـلـيـر ڪـتي؟“

(نئين دنيا – 1997 تان)

# آخرين فيصلو

ارڙهن مومبتيون هڪ ڦوڪ سان وسائڻ آسان ڳالهه ته ڪانه هئي ۽ مشڪل حل ٿينديئي، حاضرين سڪين سگن ڪان اوچتو تاڙيون نه وڄن سوبه ته ممڪن نه هو. سارو وايومنڊل ريڊيو جي انگريزي ڌنن سان پرجي پرجي تاڙين سان ڦهڪجي مهڪجي جهومي اٿيو. سيتا پنهنجي ارڙهن سالن جي سکيءَ ڪي پنيءَ تي ڌڪ هڻي چيو، ”ڪمال ڪي سري؟ سريءَ ڪي پنيءَ تي ڌڪ هڻي چيو، ”ڪمال ڪيءِ سري؟“ سريءَ ڪيس پاڪر پائي ڳل چمي ڪٽي ڪيڪ ٽڪر وات ۾ وڌو. سيتا ڳل مهٿيندي جو مٿي نظر ڪئين، اوهه! سرلا جو مگيتر نلي پريم جي هار هاران ڪري رهيو هو سرلا تي. سيتا محسوس ڪيو، سندس ٿيٿيهن سالن جي ارمانن مٿان ڌنل ٿاڪا ملئين اڊڙي پيا هئا جڻن ڪنهن غريبڙيءَ جي جوان جسم تي پراٽي ڪپڙي جا ڳنڍ. آيل مهمانن ڪيترا چرچا ڪيا. هر چرچي تي سيتا ايترو کلي جيترو ڪير نه کليو. مگر ان کل هيٺان جيڪو جهوريندڙ رودن هو، اهو سرلا جي وڏوا ماءُ ڪي ملئين ٿي لڳو جڻن مرٽينگ پراٽيءَ جي آخرين سرهائيءَ واري ڦڙتي!

هئه مئه ٿڙي ته پتليءَ چيو، ”سيتا! تون اڄ هتيئي ٽڪي پئه“ سيتا جي انگ انگ مان پيار جو نشو ٿي ٽپڪيو. لهرائي چيائين، ”توهين ٽڪجي پيا آهيو نه ديدي؟“

”نه مئي، انڪري نه ٿي چوان تو ته مونکي اڄ ٽڪجڻ ڏنوئي ڪينهي، چوري! الاجي ڪهڙا اهي پاڳه وارا هوندا جن جي گهر ۾ ويندينءَ.“

”پاڳه وارا!!“ سيتا چوطرف پڪڙيل ڪاڏي پيتي جي شين، پتين تي لهرائيندڙ ڦوڪڻن، جهاڙ ۾ لڏندڙ پني جي فانوسن،ململ پينٽس سبب چمڪندڙ پتين طرف ڏنو ۽ کلي کلي اوچتو روئي پيئي.

پتليءَ چيو، ”الاجي روئين ٿي ڪي الاجي کلين ٿي.“

سيتا سندس پر ۾ ويهي منهن ڪٽي سندس ڪلهي وٽ رکيو. پتليءَ دل جي

منوءَ جي شڪل سيتا جي اکين ۾ لهي ويئي. هيترو ناھوڪو جوان پر اف سندس ٽنبارن جي پيءُ هجڻ جو گرهڻ!

سيتا چيو، "ديدي اڄ ٿورو ڪلي ڳالهايان ٿي تہ ٻي لڳي تہ نہ سمجهندا؟"

"نہ مٺي مون ڪهڙو ڪڏهن توکان پاڻ لڪايو آهي؟ تون آهين ئي اهڙي سگهڙ جو ڪنهن جي بہ دل ٺڪين ۽ دل جي هر پيڊ ٺڪين پهچيو وڃين."

سيتا هٿ ڪٽي پتليءَ جي هٿ مٿان رکيو ۽ آهستي ڌيمي چيائين، "ديدي توهانجي منوءَ کي ٽنبارن جي پيءُ ٿيڻ جو گرهڻ لڳل آهي ۽ مونکي ٻن زالن واري پاءُ جي پيڻ هجڻ جو گرهڻ لڳل آهي."

پتلي انهن ٻن گرهڻن جي پيڊ کي سمجهي خوشيءَ مان سيتا جا ڪلها پڪڙي چيو، "سچ!"

"ها سچ!"

پتلي ان رات ڪيتري خوش هئي، سو شايد سندس ڏيءَ سرلا کان وڌ ڪوئي نہ ٻڌائي سگهندو. ڪيتري رات گذري ويئي ماءُ ڌيئر فقط سيتا جون ئي ڳالهيون ڪنديون رهيون.

ماءُ چيو، "سيتا کي جيڪو ٻارن سان موه آهي، سو مون ڪنهن بہ ڪنواريءَ ڇوڪريءَ ۾ نہ ڏٺو آهي."

ڏيءُ چيو، "ماما ٻہ ٻچا تہ خوش ٿي ويندو."

پري کان پيئن جي ڪنجهن ۽ دهلڙيءَ جي آواز سان گڏ فتوا ڪئي، ٻہ ٻول سياور رامچندر کي جئہ.

ماءُ چيو، "اسانجو منو ڪو سيتا کان وڏو ٿورو ئي آهي، فقط ڏيڍ سال جو فرق آهي."

"اسان سنڌين ۾ اها مصيبت ڪاڏي ڏيتي ليتي نہ هجي ها تہ سيتا وري هيڏي عمر ٺڪين ٿوريئي ويٺي هجي ها."

"ها تڏهن وري ڇا؟ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ٽن ٻارن جي ماءُ تہ هجيئي هجي ها."

ٿورو ترسي چيائين، "وقتي نہ بہ هجي ها، سيتا هر ڳالهہ ۾ سياڻي آهي. منوءَ

هانگ ڪانگ گھمي ايندا سين“.

سيتا جي من جي مور ميءَ جو ڊڪ پريو. ڪيس ساري بدن تي ٽئلان ۾ سلڪ جون ساڙهيون ترڪنديون محسوس ٿيون. هوائي جهاز مان انهن جا پلئه هيٺ جهان کي ٽاٽا ڪندا محسوس ٿيا. پر من کي چموٽو وجهي جهلي ڇڏيائين. ”پلا خوشي ڪڏهين ڪنهنکي ملي آهي!“

هن پنهنجو هٿ اڳيان پيل ميز تي سڌو ڪري رکيو. اجو هٿ ڪاري شيشي مثان بهڪيو پئي، سيتا جي من مور ناچ بند ڪري چيو پلا هن هٿ جي سونهن جي ته ڪجهه ساک ڪر منو!

ليڪن منو مٿي پنيان پنهي هٿن جي آگرين کي ڦاسائي، پري ڏسندي ڏاڍو ويچار سان چيو، ”سچ ته سيتا، مان به ڪوئي گهرگهلو ماڻهو ناهيان. مان شايد هوڻ وري شادي اصل نه ڪريان ها، پر ٻارن جو خيال ايندو ٿو سوچيان ته مونکي بس نااميدي ويڙهي ٿي وڃي.“

سيتا جي من جو مور پنهنجي پيرن ۾ ڏسڻ لڳو جهراليون سندس جيءَ کي ويڙهي ويئون.

”مان توهانکي وشواس ٿي ڏياريان، ته مان توهانجي ٻارن کي ڪڏهن خواب ۾ به محسوس ٿيڻ نه ڏيندس ته مان کو سندن ماٽيجي...“ وڌيڪ سندس ڪنوارن چپن مان نه نڪري سگھيو.

”بس بس مونکي اهائي خاطري کپندي هئي. وڌيڪ مونکي ڪجهه نه گهرجي. مون توکي ٻڌايو ته مان شاديءَ انڪري ٿو ڪريان جيئن ٻار نه دکي ٿين.“ منو اٿي کڙو ٿيو... سيتا جي من مور اکين مان موتي ڪيرائي وڌا.

منو واري ڪرسي خالي پيئي هئي، منو رنڊٽي ۾ پتليءَ کي خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ هليو ويو هو. سيتا اڪيلي وڏي ڪمري ۾ ٻتين جي لڪين روشنين هيٺان وينل پنهنجي وجود جو تصور ڪيو ۽ نظر مٿي ڪنيائين ته سامهون وڏيءَ آرسيءَ ۾ پنهنجو گول مکڙي وارو سندر آڪار ڏٺائين. آرسيءَ اندران مومل جي جهکي پکار سندس ڪنن ۾ پهچي ويئي، هوءَ ڪاک محل ۾ ويٺي پکاري رهي هئي، اهڙي انسان لاءِ جو اچي سرير مٿان سونهن جي پوش جو طلسم ڊاهي ڦٽائي،

سندس آتما جي تهه تائين پهچي سگهي. مگر ”اف“ چئي ڏکهو نراس ساهه لاهيندي سيتا محسوس ڪيو، چڪوريءَ اڄ لڳڻ مهل اپ ڪي پاڻي جاڻي منجهس چهنب هڻين ته سهين پر پاڻي هو ڪٿي!

گهر ۾ جڏهن بن استرين جي پتيءَ پاءُ صاحب پنهنجي پيڻ سيتا کي سمجهايو هو ته، ”چري نه ٿي، پنهنجو بليدان نه ڪر. ٽيهار تو لاءِ اڳ ۾ مئي رکيا هجن ته آيا ٿي ان گهر ۾ گهڙندينءَ ٻيو ڪنوار ٿي ته ڪانه گهڙندينءَ.“

ان مهل سيتا ڪڙڪ ٿي چيو هو، ”پاءُ توبه ته پنهنجي شاديءَ ۾ مونکان صلاح نه ورتي هئي، پوءِ صلاح ڏيڻ جي فراخدلي چا لاءِ؟“

مگر هينئر سيتا محسوس ڪيو پاڻ جا چهنب چوڳي جي ڪوج ۾ شيشي تي هڻين هڻڪين اها چنهنب خود سور ڪرڻ ڪي رهي هئي.

ساري راتبستري تي زخميل تتر جيان ڦتڪي ڦتڪي صبح جو سويل شو تي لوٽي وجهي، سيتا، پتليءَ جو درد اچي ڪڙڪايو، ”ديدي هڪ ڳالهه چوڻ ملئي آهيان ٻڌو ديدي! مونکي توهانجي منوءَ جون سڀ ڳالهيون وٽيون پر هڪ شرط منهنجوبه مڃڪجوس، هو شادي ته فقطٻارن لاءِ ٿو ڪري، ته پوءِ چو نه سندس نديڙي ڇهن مهنن جيٻار کي پالي، پنجن سالن جو ڪريان. تيستائين هو مونکي ڇهيبه نه.“

پتليءَ جي هٿ مان چانهه جو ڪپ ٺڙڪي ويو. ٺورو سوچي چيائين، ”چڏ اهي ٻاراڻيون ڳالهيون!“

”ٻاراڻيون ڳالهيون ناهن ديدي، اهو منهنجو آخرين فيصلو آهي.“

”آخرين فيصلو؟ چري نه ٿيءُ.“

”ديدي سومان جي اهائي تقاضا آهي.“

”ناري ۽ سومان!... انلاءِ هيءَ دنيا قلبل ناهي سيتا! انلاءِ هڪبي دنيا رچڻي پوندين.“

”پر منهنجو هيءُ فيصلو سندس ڪنن تي ضرور پهچڻ کپي.“

”سو ته تون چئي آهين. چڱو چيچلاءِ ينديسانس. سندس هيءَ مٽي جي ڦيري،

هي ننڍ ڦٽڻ، هي ٿڏي پٽ تي سمهڻ سيپٻارن لاءِ لڳو اٿس؟ ماڻهو چڱوئي پڄنديسانس پر پڳوان جي نالي، تون اهو آخرين فيصلو رڳو لفظن تائين محدود رکج، سمجهه." چوندي ڳل ۾ چموٽو ڀڪي ڪڍيائينس.

ڪجهہ وقت دوست سان ڪتابن تيبحث ٿيندو رهيو. پر جيئن جيئن ڏينهن چڙهندو ٿي ويو تيئن تيئن مانکي آرام ٿيندو ٿي ويس. چت جا پترا خبر ناهي چو ڪٽجي مهمان نوازي نہ سکيا هئا.

شام جو ٽڪريءَ تي ٿڌي هوا کائڻ جو پروگرامبڻيو. ڪافي رستو طئہ ڪرڻ کانپوءِ اسين لنگهي رهيا هئاسون جو هڪ پوليس واري کي تڪڙو تڪڙو پر سخت پريشانيءَ ۾ چپ چپ ويندو ڏٺم. هليوهلئين تي جڻ پيرن سان زمين کي ڇهڻبہ نٿي چاهيائين، متان آواز نہ ٿئي. دوست جي ڪن ۾ چيم، "آهي پوليس وارو، پر چال چوراٽي..." دوست ڳالهہ پوري ڪرڻ نہ ڏني ۽ ٿمجيبيهي رهيو. اما سري رام چئيبدن ڏڪايو. مونکان چرڪ نڪري ويو چو جو ڏينهن ڏني جو انسان جي نڪ سامهون پل جي هڪ پلئي وٽ کي خبيث هڪ جوان جي پيٽ ۾ چرو گهمائي ويا هئا. جوان جا آندا نڪري اچيباهر پيا هئا. خون ۾ لٿ پٿ، ڦٿڪي رهيو هو ۽ خلق پري کان سيسراٽ پري رهي هئي

مون تڪڙ ۾ قدم وڌائيندي چيو، "آندا جلدي اندر وجهي چڏجن تہ شايدبچي..." مگر پنيانبنهي کلهن تي جڻ رڪ جا چنبا اچي پيا. دوست ۽ ماٹس هڪئي وقت چيو، "ڪلياڻ ڪئمپ آهي، راهہ گناهبک ٿيٽو اٿئي چا؟" مونکيلڳئين لڳو، هتي خون ٿيل پراٽي وچرندڙ مرض کانبہ پيانڪ چيز آهيبن هتن هونديبہ ڪجهہ نہ ڪري سگهڻ جي پيڙا کان وياڪل ٿي چيم، "چوندا آهن، مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو ٿيندو آهي"

دوست جي اهڙي درد پري مرڪ ۽ چيائين، "ڪئمپ جا شرنار ٿي سنڌي، اڳين پهاڪن کي خون سان ڌوئيڻئون رنگ پيا ڏين."

"چا مطلب"

ان مهل ڪيترائي پوليس وارا اچي پهتا. خون ٿيل جي جان تڙقي تڙقي زمين تي ليٽي چڪي هئي. پوليس فوٽيءَ کي ڪٽي ويئي. ڪن پل ۾ کيل ٿي گذريو.

دوست ڊگهو ساهہ کڻي چيو، بس پيلو ٿي وئين؟ اها هتي جي روزمره جي ڳالهہ آهي.

منهنجو دم گهٽجڻ لڳو. بس پوءِ نڪو داد نڪو فرياد"

”داد ڪنهنجو؟فرياد ڪير ڪري. ڪنهن لڏپلاڻ وقت ٻڌو؟ نڌڻڪا گهوڙا.. کهڙو پهاڪو ڏيندي آهين، اما؟“

”غيباڻا هسوار.“ اما پهاڪا ته پورو ڪيو پر گهٽجي گهٽجي، ڪنهن چيندڙ سور کي پيئندي پيئندي. مونکي لڳو ڄڻ ساري سنڌونگري، نڌڻڪي ٿي ڇڏي، سامهون بيٺي هئي

اسين ٽڪيءَ جي ترائيءَ وٽ پهچي چڪا هئاسين. چوگرد ڦهليل ويران ماٿري سڄيءَ ڪئمپ کي ڄڻ گود ۾ کڻي ويٺي هئي. ڪئمپ جي ڪن ڪن گهرن ۾ ٻتيون ٽمڪڻ لڳيون. اسين ٿيئي ڄڻا ٽڪريءَ تي مٿي چڙهي وياسين ۽ چپ چاپ ويهي رهياسين. ڪيتري وقت کان پوءِ ڄاڻ ٿي ته هيترو وقت اسين ٿيئي ماٺ ٿي ويا هئاسين. هاڻي سامهون وارين ٻتين ۾ الاهي ٻتيون ٽمڪي رهيون هيون. مون ماٺ کي ٽوڙيندي چيو، ”دوست، اڄ هن سامهون واريءَ ستارن جي ٻيٽاريءَ لاءِ ڏاڍو ڏک پيو ٿئي...“

”ڏک ته ٿيندو ئي.“ دوست جي اهڙي پر درد ڪل سڄي ڪوڙي. مائين ئي پٽر کڻي ستارن جي ٻيٽاريءَ ڏانهن اچليائين.

اڄ تائين چو منهنجين اکين مان ڳوڙها ڳري پيا ۽ سامهون ماٿريءَ ۾ چمڪي رهيا هئا— خبر ناهي، ڪيترن ئي ورهاڱي جي ڪري وڇڙيلن جا ڳوڙها، ستارا ٿي نڌڻڪي ننگريءَ جي ٻتين جي روشني لاءِ!

(نئين دنيا - 1961ع تان)

# پيڪنگ گرل

”ڇو اڄ سنيتا سويليئي سمهي پيئي آهي ڇا؟“

”توهين پاڻيھاڻي پيئو ته پوءِ وينا سنيتا لاءِ پڇجو.“

”پر آهي ته ٺيڪ نه.“

”هلبلڪل ٺيڪ آهي.“ اڙي اتي سنيتا پٺهين کي اجايو خيال ۾ وجهي ڇڏيو اٿيئي.“ سنيتا اٿي ويني. ماڻس ميز تي پاپڙ ۽ پاڻي گلاس رکندي چيو. ”ي آهي توهانجي، جيسين پاڙي جا پنج گهر نه نوسي تيسين کاڌو نه کڪئي.“

”پاپي ڏس تون وري ٿيھبيعزتي ڪرين. مان اڄ نوڪريھبولي ڪري ملکئي آهيان. هن ڪانپوءِ گهر ۾ هونديسانءِئي ڪانه. گهٽ ۾ گهٽ اڄ ته ٺيڪ طرح سان ڳالهاءِ.“

”وٺ سڪئين التيميٽم. پر ڳالهه ته ڪر سڻي نوڪري ڪهڙي ملي اٿيئي؟“ پيءُ پڇيو.

”پڙينھبڌڻ وارو پساري ٿي اٿو؟“

”ڏس پاپي جي توکي نه ڳالهڪٽو آهي ته مان هلي وڃان“

”وڃ، ڪيڏانهن ويندينءَ؟ گهر ته اهوئي هڪڙو صفحو اٿيئي! نڪو ڪڏ، نڪو چوٽ، نڪا اوطاق، نڪوھبدرو. نڪا وري اڄ ڪلهه جي ڪا اسٽور رومرئي اٿيئي، جتي اسانھنهي ڪان پاسيرو وڃين وهندينءَ؟“

”عمر سان گڏ ڳالهڪڻ ۾ ٺوڪ هٽڻ جو مرض وڌندو ٿو وڃيئي، سنيتا جي پاپي“

”اهو سيني جو پيو وڏي. توهان جي عمر ڪهڙي مونکان ننڍي آهي“

”هاڻيھبس ڪندينءَ ڪين گهر ۾ پير رکنديئي ٽپڪيندينءَ؟“

”نه نه ڪٺو ڪٺو پلا پاپڙ ٽڪر، ڳالهاءِ ڳالهاءِ هاڻي ڏيءُھبس مان چپ ٿي ڪريان. پاڻ اڇي چيئه ته شويا جو پيءُ وينو ننوليون ڪري ته سنيتا کي پڙينھبڌڻ واري

”ديوڪا جي ماءُ“

”هن مهل!.... آهي ته سڪ؟ اچ اچ.“

ٻاهر پوليس بيٺي آهي. جهامن جي ڌيءُ شويا کي پڪڙي وٺي آيا آهن. سيتل ڊاڪٽر جي ڪمپائونڊر سان ڪلهه شام جو ڀڄي ويئي هئي.“ ديوڪا جي ماءُ اندر گهڙندي چيو.

”ستياناس! مئي پنهنجا ڏس ڏيهه ٿي ڏنا.“

”رام رام“

”ڪيڏو چوندي آهيانس، تئين کي نوڪري ٻوڪري ڪراءِ ته ڪا ڪلي هوا ڪڍين. چوي نوڪري ڪندڙ ڇوڪريون سڀ ڪڙيل ٿينديون آهن. هاڻي پاڻ ڏسي ڪير ٿيون ڪڙجن.“

”ٻلبلبينل پاڻي ڪڏون نه هٽندو، ته ڇا ڪندو؟“

رتن سمجهيو هيءُ پيد ڪلڻ تي گيتا ڪيڪ ڪري اٿندي. ليڪن اهڙو ڪي ڪين ٿيو. گيتا بلڪل ئي چپ چاپ ليٽي پيئي هئي.

رتن ڪيسي مان خطن جو ٿهو ڪڍي چيو، ”وٺ هي خط. پاڻ سان گڏ ڪٽي سرچ“ ۽ پوءِ رتن گيتا جي ڪمري مان ڪئين نڪري ويو ڇاڻ ساڻس ڪوئي ناتو ئي نه رهيو هوس.

هفتو گذري ويو گيتا اجا جيئري هئي. هاڻي ڪندن تي شاردا ۽ سندس ٻار وينئل نظر ايندا هئا. رتن روز اسڪوٽر ڪٽي روزگار تي هليو ويندو هو. شام جو اڪثر گهڻي ئي نوٽ گيتا جي وهاڻي هيٺان پهچي ويندا هئا. مگر گيتا ۾ ايتري طاقت نه رهي هئي جو ڪڍهين وهاڻو مٿي ڪٽي ڏسي ته انجي هيٺان نوٽن جو وهاڻو ڪيترو وڏو ٿيو آهي.

سيني عضون مان طاقت هلي وڃڻ ڪانپوءِ به گيتا جو آواز ڪڙو هو ۽ منهن ۾ پيلاڻ هئي، تنهن به انکي ٻي رونق نه ڇڏي سگهيو.

ان رات گيتا ڏيڍيءَ ۾ ٻه پاچا ڏٺا. ڪيتري دير تائين جاڳندي رهي. اوچتو سندس ڪمري جي ٻتيءَ ٻري. رتن پڇيو، ”اڃي تون اجا جاڳين پئي“. سندس آواز ڪنجهي جهڙو صاف هو.

”شاردا سمهي ڪين نه؟“

”مان وينو جاچيان ڇا ته شاردا سمهي يا نه“

گيتا چپ رهي. رتن وڃي رهيو هو جو گيتا آهستي چيو، ”اڄ شايد پڇاڙيءَ جي رات آهي... ايندا هتي؟“...

رتن انمنيو هليو آيو. گيتا بستري تي اشارو ڪيو. هو ويهي رهيو..

”اڄ امي شايد گهر ويئي آهي رڳو شاردا ئي هتي رهيل آهي؟“ رتن ٻانهون ٻڌي ڪئين وينو رهيو ڇاڻ ان سوال سان سندس واسطو ئي ڪين هو. ڪي ساعتون ٻئي چپ هئا ٻاهر ٿڌڪار هئي. انڪري دريون دربند ڪيا ويا هئا ۽ بند ڪمري ۾ ٻتيءَ جي روشني هونءَ ڪان ڪجهه وڌيڪ تيز ٿي لڳي.

گيتا چيو، ”منهنجا خط ڪٽي ايندا“.

حياتيءَ ۾ منهنجي پيرن ۾ ڇپيا سي ڪنهن طرحبين جي حياتيءَ مان پاسيرا ڪندو وڃان:

ٻتي وسلڪي ڇڏيان:

ٻرڻ ڏيوس اڄ توهانجو منهن. جيءُ پري ڏسڻ تي دل ٿي ٿيم.

”هاڻي منهنجي ضرورت پئجي ويئي؟..

”ڪنهن ڇيو تنهنجي ضرورت ڪڏهين نه رهي.

”اڄ توهان ۾ تون جو مونجهارو ڇا ٿو ڏيکاري؟“

”مون وٽ ڪوئي مونجهارو ڪونهي.

”اڇا؟“ رتن ذري گهٽ ڇرڪ پريو. ”تون اهڙي آهين جنهن هڪ رات ڇيو هو ته منهنجي ديس جي پرمپرا ۾ هڪ گانڌاري پئدا ٿي هئي جنهن جو پتي سورداس هو انڪري هوءَ اکين کي پٽيءَ ٻڌي هلندي هئي... ان گانڌاري تي فخر ڪرڻ واري ناري ڇا تون آهين؟“

”ليڪن جيون کي هڪ ٻئي سچ جي به ضرورت آهي... رتن تون آهين مون لاءِ پوتر جل وانگر جيڪو منهنجي نس نس ۾ سمايل آهي.

”۽ هو پريه؟“

”هو آهي شراب جو ڍڪ.

”شراب پيئڻ کان عورت کي منع ٿيل آهي.

”شراب جو ملهه ڇڪڻ کانپوءِ ڪنهنکي به ڪوئي منع نٿو ڪري سگهي.

”ڪري سگهن ٿيون هن پوميءَ جون پرمپرائون.

”هن پوميءَ وٽ راڌا جي پرمپرا به آهي. سڄڻ هن پوميءَ کي ايتريون ئي انيڪ پرمپرائون آهن جيتريون زندگيءَ کي اڻائون آهن.

”ليڪن ايڏو وڏو سچ سهڻ مون لاءِ ترار جي ڌار تي هلڻ سمان آهي.

”مرٽينگ گيتا لاءِ تنهنجو شاردا سان ورتاءُ ڇا تيرن جي سيجا تي ليٽڻ ناهي؟“

ٻڪ نه ڪر. چوندي رتن ڌڪ هٽڻ لاءِ هٿ الاريو مگر هٿ اتي ئي بيٺو رهيو.

سامهون دروازيءَ ۾ بيٺي هئي حسين ۽ تاب واري شاردا!

..... ..... .....

صبح جو جڏهين پوليس رتن جي گهر جي رپورٽ لکي رهي هئي، تڏهين سڀني پاڙي کي معلوم ٿي ويو تہ گيتا ڪئنسر جي بيماريءَ کان تنگ اچي زهري گولين جي شيشي رات جو وني قرباني ڏيئي ڇڏي هئي. پوليس جي وڃڻ کانپوءِ شاردا چپ چاپ ۾ اچي پيٽ جي ڪاراٽيل منهن تي ڪپڙو وجهي ڇڏيو.

# آتم وشواس

تنگ تنگ تي چاڙهيو. موهن سگريٽ جي دونهين ۾ زندگيءَ جا چتر ڏسي رهيو هو. زندگي، جا گهٽي گذري چڪي هئي پر هاڻ هڪ عجيب موڙ تي اچي بيهجي ويئي هئي. رات موهن پنهنجي وينا کي بباقاعدي ماريو هو... پوءِ ماءُ سندس ڪمري ۾ اچي کيس ٻانهن کان گهلي ويئي.

ماءُ چئي رهي هئي، "پٽ !اهو تہ جڏهن ٻورا ٿي پريا تڏهن گڏهن ٿي هينگون ڏنيون. توکي اجمير جي وڻ ٽڻ ٻہ ٿي چيو تہ تو جهڙي شوقين سان هيءَ ڪادي پوش اجميرڻ ڪين هلي سگهندي... پر تنهنجو هڪڙوئي آنو (ضد) چي: منيلا ۾ هيترا دڪان ڪيئن کوليم؟ هڙ ۾ تہ فقط هزار رپيائي هئا !هاڻي وينا تي ٻہ اهڙي جادوگري هلائيندس، جو ٻارهين مهني اندر ڳوناڻي وينا مان، مئدم وينا ٿي پوندي."

موهن سگريٽ جي رکہ چنديءِ ٻيو ڪش هنيو: دونهين جي گول گول وڪڙن ۾ ڳوناڻي وينا گهاٽا ڪارا وار کولي، سورج کي نمسڪار ڪري رهي هئي. موهن کي ڏسي جو پرڪشش نهار سان مرڪيائين تہ اها سورج کان حاصل ڪيل نهار، موهن جي من جي تهن ۾ گهڙي ويئي.

سهاڳ رات، سهاڳ جي سيجا تي جڏهن موهن وينا جي اکين ۾ ليئو پاتو تڏهن اها نهار ڳوڙهي نہ ٿي لڌي، تنگ تي چيو هئائين، "ڪٿي آهين تون وينو!مان هيڏو

دور منيلا کان کهي تو لاءِ آيو آهيان... پر تنهنجي اها نهار ڪٿي آهي جا تو سورج کي پاڻي ڏيڻ مهل مونتي وڌي هئي!"...

تڏهن ساڳي پرڪشش نهار ڪٽي وينا منهن مٿي ڪنيو. موهن جي هيٺئين چپ کي آڱر سان ڇهي چيائين، "ان مهل تو شراب جو ڍڪ نه پريو هو..."

"بلڪل... تنهنجي منهن تي ڦهليل روشنيءَ جو ڍڪ پريو هوم..."

"منهنجو قسم، جي وري شراب پيتو اٿيئي."

ٿوري دير ٻئي خاموش وينا رهيا. آخر موهن ڳالهايو.. ساڳيءَ طرح وينا جي چپ تي آڱر رکي، سندس هٿ کي پنهنجي ٻئي هٿ ۾ وٺي چيائين، "جي تو کي ٻه منيلا جي ملڪ هوا ۾ شراب پيارڻ سيکاري ڇڏيم ته پوءِ؟..."

"مان ته ٿيندوسانءِ ڪين."

"جي ٿي پوي ته؟... ڪر انجام پوءِ مونکي پيئڻ کان نه روڪينديون."

"ڪيئن روڪينديس... روڪي نه سگهنديس..." تڏهن رات ڪيڏي سک سان گذري هئي. اجيمري ڳوناڻي نينگر مگر پڙهيل ڳڙهيل... سارو جسم سجاڳ... جهان پر جي ڏرتي ڪيڙڻ جو سک محسوس ڪيو هو موهن... !سگريٽ آڱرين کي ساڙڻ لڳو هوس.. اٿي ڪڙو ٿيو... آهستي ڪري وڃي ماءُ جي پوڄا گهر ۾ صندليءَ تي وينو.. "اما تو رات چا پئي چيو؟"

"چا پئي چيم؟... هينئر ياد ته ڪين ٿو اچيم... هاڻي صبح صبح ڇڏينم، ڏس ناڪرن جا ڪپڙا لاٿا اٿم... ڪين سنان ڪرڻ کي وڃان."

هٿ سان ماءُ جي ڪرڻ کي جهلي موهن چيو، "نه، پهرين پنهنجي پٽ کي ڪپڙا پهراءِ، جيڪو ساري جو سارو ننگو ٿي پيو آهي... تو رات چيو ته چو ضد ڪيو هوم ٻارهن مهني ۾ وينا کي مئدم وينا ڪري ڏيکاريندس."

"هائو ٻڌائي مئين چيم."

"ان مهل اهو ڪين سوچيئه تم ٻارهن 12 مهني اندر وينا مان "مئدم وينا" ٺاهيو مانس ڪين نه؟..."

"هائو ٻڌايو ٺاهيس، الاجي ڪهڙي جادو جي لڪڙي ڦيريندو هئينس، جو

ماءُ سراپجي ويئي، ڳل کي هٿ ڏيئي پرتي ٿي ويني.

وينا در وٽ لڪي، هيءَ ساري گفتگوٻڌي هئي ۽ هاڻي وڌيڪ نہ ترسي، پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي ويئي. رڙيون ڪندو مٿو پٽيندو، موهن جڏهن وينا جي ڪمري طرف وڃي رهيو هو، تڏهن ڏٺائين، وينا اڃي ساڙهيءَ ۾ پوڄا لاءِ ٿالهي ڪنيو پيئيءِ ٻاهر وڃي. اڄا دالان ۾ئي هئي تہ موهن ڪيس پڪڙي چيو، ”ڪيڏانهن نہ وڃ وينو! اڄ ڪيڏانهن نہ وڃ. اڄي ساڙهي تہ هونئي پاتي اٿئيءِ ٻاقي منهنجو لاشہ ڏسندي وڃ.“

وينا ڪن چپ ڪريءِ بيهي رهي، پوءِ چيائين، ”صبح صبح شراب پيتو اٿئي؟...

پوءِ مونکي ڪهڙي حق سان ٿو سڀ ڪجهہ ڇڏڻ لاءِ چوين..“

”وري سوال جواب؟“ چوندي وينا جي ڳل تي ٺڪاءُ ٿڦڙ وڃي ويو.

چيائين، ”اڄ جي لڪي تنهنجون ڳالهيون ٻڌان ها تہ شايد هيءَ ٿالهي توکي هٿي ڪيان ها.“

”زبان دراز!..“ موهن جانورن وانگر گهلي وينوءَ کي اڄي سندس روم ۾ پلنگ تي ڦٽو ڪيو. وينو اٿي ويهي رهي.

موهن اندرئي اندر ٻئي رجهيو. وينو تاڻي ويئي تہ هي ٿهڪندڙ سمنڊ جي ساحل کيءِ ٻوڙڻ ايندو تہ جل مئي لڳي ويندي. ڏاڍي صبر سانئي هٿ جوڙي چيائين، ”منا موهن، مان هرڪا ڳالهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. شراب، جوئا، سگريٽ، چو ٿو ڇڏڻ لاءِ چوين، هيءَ دنيابہ تو لاءِ ڇڏي سگهان ٿي، پر تون اهو اڳيون موهن موٽي اڄ. جنهن جي آواز ۾ لاڏ هو، دلار هو. منهنجي رڳ رڳ ۾ ساز وڃي اٿندا هئا ان مهل مان من ۾ چوندي هئس، وينو! توکي ههڙو موهن پنهنجي گوڏي تي وهاري شراب جلبہ ڍڪ پيئڻ لاءِ ٿو چوي! اهڙي موهن جي پيار ۾ متوالي ميران تہ زهرٻہ پي ويئي هئي.. پر پوءِ مون جوئا چو ڪنئين؟ گهر ۾ نوڪر ۽ آيلئون هيون تون اڪثر پارٽين ۾ مونکي وٺي هلندو هئين، مان پهرين تہ پارٽين کي ڌڪاريندي هيس. پر ڪن ساهيڙين، جڏهن مونکي سمجهايو تہ هڪ ٿنگي جي ملڪ ۾ ماڻهوءَ کيٻي ٿنگ لڪئي هلڻو آهي... تڏهن مون سڀ گيان، گوشت، پنهنجا پڙهيل سڪيل يوگ ۽ گيان اپياس هڪ ٿنگ وانگر لڪئي ڇڏيا.“

”دشمن ڇا، دشمن !دوستي؟ ڇي. ڪلهه رات پهرين سيني جا در ڪڙڪڻ کان پوءِ توتي مار وڌي هئم... سمجهه؟ جنهن مهل تون سندن دلالي ڪندي آهين.“

وينو وچ ۾ ڪٽي چيو، ”دلالي ته مان ڪنهنجي به نه ڪندي آهيان، ها ملائين چوندي آهيان ڇو ويهي ڪنهن جا عيب ويچاريون. چڱائي منڍ ۾ هر ڪنهن ۾ سمايل آهي...“

”توسان ڳالهائڻ سراسر بيوقوفي آهي تون منهنجي دوستن کي ڪين سڃاڻين، پوءِ به سندن براين تي پردو وجهين. سو مونکي قبول ناهي..بس پرلاءِ مٿي آهي ته مان تيار آهيان مرڻ لاءِ؟“ چوندو موهن بار مان نڪرين وسڪيءَ جي باٽل ڪڍي آيو.

وينا ۾ الاجي ڪٿان طاقت اچي ويئي جو کسيندي باٽل ڦهه ڪري باغيچي ۾ اڇلي ڦٽي ڪيائين...

جوش ۾ ٿڙڪندي موهن چيو، ”ان جو نتيجو سمجهين ٿي...“

وينلبار جي ڪٻٽ کي ڪنجي هڻي اهلبباهر اڇلي ڇڏي. چيائين، ”دوست پلي دشمن ٿي بيهين پر مان تنهنجو ساٿ نه ڇڏينديس.“

”هي ساٿ تي ڏين، ڪين پاڻيءَ کان ٿي باهر ڪدين؟ هٽي ماري پورو ڪريانءِ ته...“

”مان ته پرلاءِ جي پاڻيءَ کان ڪڍي توکي جيئڻ جي راهه ڏانهن ٿي وٺي هلان...“

اوچتو موهن سن ٿي ويو...

گهر ۾ چانيل سناٽو هاڻ وڌيڪ بدتڻ ۾ اچڻ لڳو... اوچتو هال مان وڏي پٽ رڙ ڪري چيو، ”هي ٻئي فون ڪنهن لاهي رکيا آهن“ ۽ فون رکنديئي ٻنهي فونن جو گهنٽيون وڄڻ شروع ٿيون...

وينا وڃي فون کنيو.ٻئي پاسي واري کي جواب ڏنائين، ”موهن گهر ۾ ڪونهي اچي ته فون ڪرڻ لاءِ چوانس ٿي...“

ٻئي فون تي چيائين، ”هائو پڪو مونکي سڀ خبر آهي... ڪنهنجي پڪي ڪين ميري ڪنداسين، جيڪي ٿي ويو آهي تنهن کي منهن ڏينداسين...“ فون رکيائين ته پنيان ڳچيءَ تي موهن جو چنبو اچي پيس.

”منهن ڏيندينءَ؟... تون منهن ڏيندينءَ...؟ توکي خبر آهي ته ڪيترو نقصان ٿي چڪو آهي؟“

وينا چنبي مان ڳچي ڇڏائي سامهون ٿي موهن کي چيو... ”مون چيو منهن ڏينداسين... ان ۾ تون به ته آهين.“

آواز آيو وڏي پٽ جو. ”چو اسين ڇا ڳيدي ٿي ملڪ ڏي ويناداسين ڇا؟“

ماءُ آرتيءَ واري ٿالهي اڳيان آڻي چيو. ”پٽ هٿ پري منهن تي لاءِ. مان به توسان آهيان. تون اڪيلو ناهين...“

هاڻي ننڍو پٽ به اچي اڳيان بيٺو...

”تون به؟“ موهن بي اعتباريءَ سان هن پٽ طرف ڏٺو.

ڏاڍي فلڪ سان ننڍي پٽ چيو. ”ها پڪ مان به.“

گفتگو جو انڪانپوءِ ڪو وجهه ئي نه رهيو. فونن پٺيان فونون ۽ مهمانن پٺيان پيا مهمان ايندا رهيا. فونن تي عجيب غريب ڌمڪيون مليون. ڪي منهن تي به اچي الاجي ڇا جو ڇا چئي ٿي ويا.

شام جو وڏي پٽ ڪي وٺي حسلبن ڪتلبن جا ڪاڳر پٽ ڪٽي موهن پاڻ کي ڪمري ۾ ڪٽي بند ڪيو.

وينا کي فون تي چاهي منهن تي ماڻهن موهن جا ايترلبد افعال ٻڌائڻ شروع ڪري ڇڏيا. جو آخر سنجها مهل وينا پنهنجي سس جي گود ۾ مٿو رکي روئي پيئي. سس سندس مٿو سهلائي آسيس ڪئي. وينا روئي چيو. ”پر هي سڀ دوست فون تي ملئين چو ٿا چون: وينا مڙسنهن جو هاڻي موت ڪانسواءِ ڪو رستو ئي ڪونهي.. ڪهڙا ڪميڻا آهن؟...“

ماءُ چيو. ”سون به باهه ۾ پوڻ ڪانپوءِ وڌيڪ تجلو ڪيندو آهي. جي منهنجا سچا سونل پار آهين ته به هر تڪليفن کي منهن ڏيئي پار پوندا.“

رات جو دير دير سان جڏهن حساب ڪتاب ڪري به ٿي پيءُ پٽ پنهنجي روم مان نڪتا تڏهين ماءُ چيو. ”پٽ موهن هي سڀ توکي ساٿ ڏيندي.“

موهن خنڪي سان چيو. ”هي به بيٺڻ ڇا ساٿ ڏيندي هن کي هاڻي گهر ۾ رکي

مان اڪيلوءَ ئي سيني دڪانن تي نظر رکي ڏسج تہ ڪيئن ٿومہارهن مهنن اندر سڀ قرض لاهي ڏيکاريان.“

وينا مرڪي رهي هئي. سس کي ياڪر پڪئي چيئين، ”امي مونکي منهنجو اڳيون موهن ملي ويو.“

”اڇا؟“ موهن جي منهن تي آتم وشواس ڀري مرڪ هئي، ”ڪٿي اچ پلا ڪجهہ ڪاراءِ تہ سهين کو پيگهہيگہ..“

”اهي واٽونءِ ئي بند ڪري ڇڏ پٽ... ٿورو وقت ئي سهين، پر توکي پٽ خبر ڪانهي تہ هن وينو چا چا سٺو آهي تنهنجي وڇوڙي ۾.“

”وڇوڙي ۾؟“

”وڇوڙو نہ هو؟ پيگہ جي خنڪيءَ ۾ توکي مان ڪيڏي خسيس نظر ايندي هئس..ٻئي اڏ گول هڪ جيڏا نہ هجن تہ ڀال ڪيئن نهي..“

”اڃوڪي ڏکہ ئي پر تنهنجي سڃڻتا جو احساس ڪرايو آهي مونکي، نہ تہ شايد مان صبح تائين جهان ڇڏي چڪو هجان ها... هي ئي تنهنجا لال ڏاڍا همٿ وارا آهن.“

”آخر توهان جهڙي همٿ ۽ آتم وشواس واري ڀيءُ جا پٽ آهن..“

# پيد پاو جو پوت

هن چيو ”شعر ٻڌندينءَ؟“

شيلا اندر ۾ هڪ شرڪ کي ڄڻڪي چيو، ”شعر مونکي نه وڻندا آهن“ ديپڪ سندس اکين ۾ ڏٺو. شيلا محسوس ڪيو ڪنهن انڌياريءَ ڪونيءَ ۾ ڪوئي ننڍو ديپ جهلي ٻيٺو آهي ۽ سندس نظر پڇجي ويئي اندر ٽڙيل پکڙيل غريبيءَ تي، جتي نه ڏن هو نه گيان هو، چو ته نه پستڪن جا ورق تي اڏاٽا نه کي اتي ريشمي پردا تي ڦڙکيا. پنهنجي سڪيميءَ جي حالت تي لجي ٿي پلڪون جهڪائي ڇڏيائين. سامهون هو داتار جنهن وٽ ڏن به هو گيان به هو ۽ پوءِ به پلڪن سان غريب گهر کي ڍڪڻ چا هو؟ ايمان يا سومان؟ دل چيو، ”ايمان“ ۽ شيلا اڱڻ جو پٺيون دروازو کولي چيو هو، ”شعر نه وڻندا آهن جو سمجهندي ناهيان. ليڪن توهانجو ڳالهائڻ نه وڻندو آهي، ائين مون کو نه چيو.“

”اڇا!“ ديپڪ هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ شيلا مٿان حسرت ڀري نظر اڇلي دوستن جي ميڙاکي ڏي هليو ويو.

شيلا جنهن وڏي پٿر تي ويني هئي، انجي چوڌاري جيڪو به گاهه ڪڙيل هو انکي پٽي کٽي ڦٽو ڪيو. ڪاليج ۾ پيرڊ جو گهنڊ وڄيو. هوءَ اٿي اندر ڪلاس ۾ ويئي هڪ پيرو ديپڪ سان نظرون ملي ويس ته سندس نظر جهڪي ويئي جڻ چئي رهي هئي ”مونکي سهڻو ٿوهه سمجهيو آهي نه تو؟“

مگر رات جي تنهائيءَ ۾ جڏهن ڪاليج جي هن ننڍڙي واقعي تي سوچڻ ويني، تڏهن گهڻو ڪجهه نرنئه ڪرڻ ڪانسواءِ ڪيس ننڊ نه آئي. گهڻو ڪجهه ٿورنئي اکرن ۾ طيءَ ٿي ويو. ”رڳو ڪجهه نه هجان ها ته هو ڪاليج جي ٻين ڇوڪرين کي ڇڏي منکيئي چو شعر ٻڌائڻ اچي ها؟ پر ڪاليج جي باغيچي جي ڪنڊ وٽي اڪيلي ويني هئس، شايد دوکو ٿيو هجيس ته مان سڪين جي ڪل ڪل مان پريشان آهيان، انکري ڪا گنڀير آتما هونديس. ڪجهه به هجي ڪيس دوکو ٿيو آهي، انڪري منهنجي سومان کي چوٽ هڻي وجڻ ۾ سندس ڪوئي ڏوهه نه

ڇڏيو هئي ڪين. ٻئي ڏينهن صبح جو الاجي ڇو ديپڪ کان معافي وٺڻ لاءِ سندس من پريشان ٿي اٿيو... پنهنجيءَ اهڙيءَ ڀاونا لاءِ ڪيس ڪارڻ ڳولهيندي به نه مليو.

مگر انتظار اکين ۾ئي رهجي ويو. ان ڏينهن ديپڪ ڪاليج ۾ئي نه آيو. شيلا گهر وڃي اڳڻ ۾ ڪرڻيل سڀ ڳالهيون چني ٽڪرا ٽڪرا ڪيا.

ٽئين ڏينهن تي ديپڪ کي ڪاليج جي وڏي دروازي مان گهڙندي آواز ڪنن تي پيو. ڪجهه سنڪوچ پريو ڪجهه ٻئي ٻاڪ. هوءَ چئي رهي هئي، ”ڪلهه ڇو نه آيا؟“

ديپڪ جي مک تي چمڪ اچي ويئي، ”ڪلهه ڇو نه آيا“ اکرن جي پٺيان جو ”ڪيڏو انتظار ڪرايو اٿو“ جي اپ ڌوني هئي سا ٻڌندي ديپڪ جي جيءُ ڪڙڪٻيتڙي جيان چمڪي پيو. شيلا سان گڏ قدم کڻندي، ڪاليج جي لان تان هلندي، آهستي چيائين، ”گل جي چني هئي.“

”مطلب؟“ شيلا نراشا کي اکين جي ڇپرن سان ڍڪي ڇڏيو.

”مطلب ڪجهه نه بس پلئي جي چني هئي، انڪري نه آيس.“ شيلا سامت جو ساهه کنيو.

”نالو ڇا رکيوس؟“

”نالو نکتس گلاب.“

”گلاب؟“

”ڇو نه وڻيو.“

”جهونو نالو آهي.“

”گل ڪڏهن به جهونا ناهن.“

”گلن جي نالن سان ماڻهوءَ کي سڏڻ ته جهوني ڳالهه ٿي سگهي ٿي.“

”مان ته جيڪر پاڻ تي چنبيلي نالو هرگز نه پسند ڪريان.“

”۽ ڪمل يا ڪملني؟“

”اهي ته ٺيڪ پيا لڳن. جهونا ڪينهن.“

ديپڪ چيو, ”هن جي ته ضرورت ڪين هئي.“

”ضرورت سانئي ته سڀ ڪم نه ڪبا آهن.“

”ديپڪ ڏاڍي وڏنڊڙ ادا سان چيو, ”پر توهين‌به ته پيئو.“

”مان هاڻ اجا پي ويني آهيان.“

ڪنڌ ۾ وينل مئنا وٽان وري ٺهڪ‌ٻڌڻ ۾ آيو. مگر سندس منهن ڪتاب ۾ هو.ملڪئين تي لڳو ڪتاب ۾ ڪا مذاقي ڳالهه پڙهي ڪلي رهي آهي.

ديپڪ ۽ شيلا سامت جو ساهه ڪنيو. ديپڪ چانهه جو ڍڪ ڀري چيو, ”چوندن ۾ توهين مون لاءِ ڪئنواس ڪندا؟... پڪ آهي ضرور ڪندا.“

”توهانجي ته تمام گهڻين چوڪرين سان واقفيت آهي ۽..“

”آهي نه, هئي چئو.“

”اچا ته هاڻي سنياسي ٿي ويا آهيو؟“

شيلا اکيون چمڪئي چيڙ ڪئي.

”خير ڪندن ڪانسواءِ ڳـل ته ملڻئي ڪينهن, چگو مان هلان ٿو.“

شيلا وريهبه اکيون ڦاڙيهبيني رهي ۽ ڪنڌ ۾ ويني مئنا ٺهڪن ۾ چٽڪي رهي هئي.

ديپڪ جي هلي وڃڻ تي مئنا ٺهڪ ڏيندي اچي چيو, ”ديدي هيءُ ڏس!“

شيلا ڏٺو هڪ پني تي ديپڪ جو ڪارٽون ڪڍي مئنا هيٺان لکيو هو:

ٿاءِ نڪي ٿوپلو, نه ڪي ٺهڪٽوبوٽ,

ٽڪڻ اٿس ٽڪندي, ڳالهڪڻ جو چوٽ

چيلهه ۾ نه پٽو ليي, ڪيئن سنيالي سوٽ,

ڏاڍو چئبو ٿوٽ, ٿو چوندين لاءِ چئه چاءِ ڪري.

شيلا کي هڪ منٽ لاءِ خيال آيو ته پيڻ جي منڊي مروٽي رکان.. پربيءَ ڪن سوچيلئين, وڏي غلطيءَ ڪانبچلئي ورتو اٿس مونکي ۽ ڪيسبه ڪل اچي ويئي.

... ... ...

چوندون پوريون ٿي ويئون. جيئاڻيءَ کي فقط اٺ ووٽ مليا پوءِ به جيئاڻيءَ جي چهري تي ڪنهن کي هار جا نشان نظر نه آيا. هن نئين سيڪريٽري سان بلڪل خوشيءَ مان هٿ ملايو. دوستن چرچو ڪيو. ”جيئاڻيءَ هڪ جي ڪري، جهان وڃائي ڇڏيو.“

جيئاڻي مينهن ۾ تر تيل گلن جهڙيون اکيون کڻي چيو. ”ڪوئي هڪ ۾ جهان پلئي به نه سگهي ٿو.“ دوستن تاڙيون وڄائي واهه واهه ڪئي. هڪڙي ڪنڌ لوڏي چيو. ”اسڪا ڀي ڪوئي جواب نهين“ ديپڪ نشي واريون اکيون کڻي ڏاڍي ناز ۽ ادا سان پاڻيءَ جو ڍڪ پيئڻ لڳو.

شام جو ديپڪ شيلا جي گهر وينو اوپاري لهواري ڪري رهيو هو. اوچتو مئنا واري ڪنڌ خالي ڏسي چيائين. ”شيلا هڪ ڳالهه ڏاڍو منجهايو اٿم.“

”ڪهڙي ڳالهه؟“

”ملڻ مونکي مڱڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن.“

”توهان ۾ نه هن وهيءَ کان اڳ ۾ئي شادي ڪرائي ڇڏيندا آهن...“

”جي، مگر تنهنجو ڇا خيال آهي.“

شيلا کي مئنا جو ڪارٽون ياد اچي ويو. آهستي چيائين. ”هيءُ توهان جو ذاتي مسئلو آهي مان ان ۾ ڪجهه به نٿي ڳالهائي سهان. توهان تي ئي سڀ ڪجهه ڇڏيل آهي.“

”هنن ٿورن مهنن ۾ جيڪو توسان رستو ٿي ويو آهي ان موجب توکان پڇڻ ضروي لڳم.“

”نه توهان پڇيئي ورتو ۽ مون به جواب ڏيئي ورتو. نه تہ بين جي معاملن ۾ مان نه پوندي آهيان.“

ديپڪ ڪجهه دير چپ وينو رهيو ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ ٿڌو ساهه کڻي، اٿي کڙو ٿيو. ويندي ويندي چيائين. ”شهر جي پليل شيلا ڪماريءَ کي نمسڪار.“

”شهر جي پليل“ لفظ شيلا جي اندر ۾ ڪپي ويا.

شيلا هاڻ ڪاليج ۾ ته ديپڪ کي ڳولهيندي ٿي رهي پر رستي روڊ تيءَ سندس اکيون ڪنهن جوان ڇوڪري جو ٿورو ٻه اهڃاڻ ديپڪ جهڙو ڏسنديون هيون ته اداس ٿي ويندديون هيون.

هڪ ڏينهن شيلا نندڍيءَ ڀيڻ مئنا کي چيو، ”اهو ديپڪ وارو ڪارٽون وري ڏيکارڄ.“

”اڙي ديدي! هاڻي ته سندس ٻيو ڪارٽون ڪڍڻ واري آهيان. جڏهن ڏيپومل گهوڙيءَ تي چڙهيو وينو هوندو، مٿي تي واڻين وانگر مٽڪ ۽ وات تي رومال...“

شيلا ڀيڻ کي ڀرون تاڻي چيو، ”ڏاڍي ٽيڱڙ اٿيئي ذات پات جي. وطن وڃڻ ڪانپوءِ ٻه واڻيي ۽ شهري جي ڀيد ڀاو جو ڀوت ڪونه ويو آهي!“

# هرجَس ۽ چيتن

”پسند آئي هيءَ هوٽل؟ هري....!“ چيتن چيو.

”چيتن تو ۾ اهوئي ته گڻ آهي جو ٻين جي پسنديءَ کي سمجهيو وٺو آهين.“ هرجس چيو.

چيتن ۽ هرجس، هوٽل اندر ٽهيل، وڏي تلاءُ جي ڪناري تي اسٽيل جي نوهار مڙهيل نرم ڪرسين تي آرامي ٿيا.

چيتن پنهنجي سوال جو جوابُ ٻڌڻ لاءِ هرجس طرف منهن ڪيو هو، ڪلي چيائين ”مون ڪونه سمجهيو ته تون پنجهتر سالي ۾ به پنهنجي نالي سان نڀائيندينءَ.“

هاڻي هرجس به چيتن طرف منهن ڪيو. سندس آرام ڪرسيءَ ۽ چيتن جي آرام ڪرسيءَ وچ ۾ ڪا گرانٽ به ٿي جيتري وٿي مس هئي، چيائين ”چيتن! منهنجي انهيءَ ناليءَ زندگيءَ ۾ گهڻو پوڳايو مونکي، پر تون تڏهن به ٻڌاءِ، تون جو مونکي جسي ڪوٺيندو هئين سو اڄ هري ڪٿان آئي؟“

”نه مان ته ڪڏهن هري ڪڏهن جسي ڪوٺيندو آهيان، پلا هيڏو نالو ”هرجس“ ڪير ڳنهي!“

هرجس پنهنجن ڪوڙن ڏندن سان کليو.

چيتن چيو، ”هري تنهنجي کل هن عمر ۾ به پياري آهي.“

”چيتن، گهٽ ۾ گهٽ تون ته مونکي منهنجي عمر ياد نه ڏيار، مان ته چوندي آهيان. آءٌ آهيان پنجهتر سالن جي جوان عورت.“

”آئين ته مان به پنجهٺ سالن جو ينگ مئن سڏائيندو آهيان.... پر هري هيڏن سالن ۾ پاڻي ڏاڍو گهڻو گذري ويو آهي. يادگيرين جي سيلابن جڻ کڏا ڪري وڌا آهن، من جي ڌرتيءَ تي....“

اداس هري به ٿي ويئي. ڪن ترسي چيائين ”اسان جا ڪيترا ساٿي سجڻ ۽

ديوين پکوان کي پيارين تي ويٺون آهن! اندروءَ لاءِ تہ خواب خيال بہ ڪين هوم تہ مونکان اڳ ويندو...“

”بس جيئري تنهنجو اڳ جهليو وينو هو. هاڻي تنهنجو ڏک جهليو وينو هوندوءِ اتي بہ.“

”ڏاڍو ڏنگو آهين چيتن!“

”ڏنگو وري مان آهيان؟ ڏنگو هو تنهنجو مڙس اندرومل. سرڳ مان شل معافي موڪليندو مون لاءِ. پر سڪئي رکيئين توسان رستو رکڻ کان.“

”چيتن مئين چو ٿو چوين. آخر توبہ تہ ڪڏهن پنهنجي وندنا کي بہ ين سان ريل چيل ڳالهائڻ تان خار کاڏا هوندا.“

”هري! توسان بحث ڪهڙو. وندنا کي جيڪا مون آزادي ڏني هئي، توکي چا ٻڌايان! مون ڪڏهن وندنا کي ڪنهن سان بہ ملڻ کان ڪين روڪيو. اصل پڪي ڳنڍ هئي اسانجي پريم جي.“

چيتن ٿوري دير چپ چاپ تلاءَ ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ترندر جوڙن ڏي ڏسڻ لڳو. هرجس ان طرف ڏنو. جتي چيتن ڀئي نهاريو. چيئين، ”چيتن تون نهارين تہ تلاءَ ڏي وينو پر من ۾ ماضي پيو هليئي. ڪليوبڌاءِ ڪهڙي گهٽنا ٿي گذري هئي... هاڻ تہ وندنا نہ رهي تہ ڪيس ورجائڻ جو ڪو سبب بہ نہ رهيو.“

چيتن اٿي وينو پنهنجي نوهار جي ڪرسيءَ تي. هرجس پنهنجو ڪنڌ ڪٽي ٻانهن کي نونٺ جو سهارو ڏيئي پنهنجو هٿ مٿان رکيو ۽ چيتن طرف ڏسڻ لڳي.

چيتن ڏاڍي گوشاٿي نموني چيو. ”اصل ۾ زال ذات کي حسد ڪونهي. هنکي فقط مڙس جي نظرن ۾ سيني استرين کان بالاتر جڳهہ گهرجي عورت جو پيار ڏاڍو چتو آهي...“

هينئر هرجس بہ اٿي ويٺي. ”چيتن !تو اڄ برابر وڏي ڳالهہ ڪئي آهي. منهنجو اندرو اگر پيار جي ڳنڍ جو احساس ڪري ها تہ جيڪر اسانجي زندگيءَ جا پويان ڪي سال ڏکيا ڪين گذرن ها.“

”مطلب؟“

پهرين تہ هرجس چيتن کي ٽارڻ چاهيو پر چيتن جي گهڻي ضد ڪرڻ تي آخر هرجس چلي پيئي. چيئين "ڪل جهڙي ڳالهہ آهي.اندروءَ کي شڪ اچي جاڳيو تہ تنهنجو منهنجو پاڻ ۾ پيار جو رشتو آهي."

"سو وري ڪيئن؟ توکي تہ هن دوستن کان پري ڪري رکيو هو. ڳالهہ ڪل جهڙي آهي. تنهنجو منهنجو تہ فقط دور جو ناتو هو."

چيتن کان گهڻو پري ڪٿي ڏسندي، هرجس ڏکهي اداس نگاهہ کڻي کانپوءِ چيو "ڳالهہ تہ ڪل جهڙي هئي. پر جڏهن هن مونتي الزام هنيو، تڏهن تہ مان دک ۾ اڌ پاڳل ٿي ويئي هئس. تون مونکان ڏهہ سال ننڍو، تنهن ڪانسواءِ مان پنهنجي گهر تر واري..."

چيتن ويچار ۾ پئجي ويو.

هرجس چيو "اصل ۾ اندروءَ جي من ۾ هڪ احساس ڪمتري هئي. مرد هجڻ جي حالت ۾ هن پاڻ کي عورت کان احساسِ بالاتري ۾ ويڙهيل ٿي ڏٺو. انڪري جئنئن وهڪرا ابتڙا طرف کان گڏجي ڏنڌ مچلئي وجهن اها حالت هئي سندس زندگيءَ جي."

چيتن پڇيو، "تون انهيءَ ڏنڌ جو شڪار ٿي هئينءَ؟"

"نہ" هرجس چيو، "مان ان ڏنڌ جي وهڪري ۾ مجبورن وهي رهي هئس. پر اندر ڪري پچيل هئس جو مونکي تہ خبر هئي تہ اندرو جيڪا مون لاءِ احساس ڪمتريءَ سان گڏ ڏڪار ڏاري ٿو، سا ڳالهہ بلڪل ڪوڙي بنياد تي بيٺل چيز آهي. سندس ڏڪار پريا اجايا سجايا لفظ بڌڻ تي بہ مٿس قياس ڪئيندي هئس. ڪيس سپ ڪجهہ معاف ڪري ڇڏيندي هئس."

اوچتو "ٺپ" جو آواز ٿيو... ڪنهن تلاءَ ۾ مٿاهين تان ٺپو ڏنو. هرجس ۽ چيتن ان طرف ڏسندا رهيا، ٺپو ڏيندڙ شخص جو مٿو آهستي آهستي پاڻيءَ کان مٿي آيو تہ هرجس جي قبض ٿيل ساهہ کي رهائي ملي.

تڏهن چيتن اٿي هرجس جي پيرن تي هٿ رکيا. پير هٿلئي سگهڻ جو تہ وجهہ مئي ڪين هو.

”اڙي اڙي، هي ڇا پيو ڪرين چيتن!...“

چيتن پيرن تان هٿ هٽائيندي چيو، ”مونکي ديدي چوڻ ڏي، اڄ ڪان مان توکي ديدي ڪري سڏيندس“

هرجس چيتن جي مٿي تہ هٿ ڦيري چيو، ”تون تہ مونکي امڙ سڏين، تہ بہ اعتراض نہ ٿيندم، ڇو تہ مون ڪيترن سالن کان محسوس ڪيو آهي تہ جنهن ڪلا جي وسنئہ واري وچولي ڪٽنب ۾ مون پرورش پاتي آهي تہ بہ اهڙيءَ درجي ۾ پرورش پاتي آهي. جنهن ڪٽنب ۾ تو پرورش پاتي آهي سو بہ منهنجي گهر جيان، شرڌا ڀڳتي پيار آتمڪ چڪ، ديا، ڪميا جهڙن گڻن ڏانهن سجاڳ هو. تنهنجن ويچارن ۾ اهو انساني ڀاونائن جو ذخيرو ڏسي مان جڏهن تمام گهڻي خوشيءَ ۾ پرجي ويس تڏهن شايد اندروني بدگمانيءَ جو شڪار ٿي ويو“

ڏاڍي ڀاوپوسيءَ سان چيتن چيو ”ڇا چوان ديدي، اسان پرشن ۾ ملڪيت ڪٺي ڪرڻ جو جيترو وڏو جذبو اهي، اوترو ئي زال کي ملڪيت سمجهڻ جو جذبو آهي“

ٿڌو ساهہ کڻي هٿن جون آڱريون موڙيندي هرجس چيو ”ڪاش اهو زمانو اچي جڏهن عورت کي ملڪيت نہ پر ملڪيتن جو مالڪ هڪجهڙو شخص سمجهڻ لڳي هر پرش“

”ديدي اهڙي هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ لاءِ استري جو بہ تہ ڪوئي فرض ٿو بڻجي“

”ضرور ضرور. استري اگر پنهنجي دماغي قوتن کي سنڀالي، پنهنجي من ۽ بدنيءَ سان وڪاس ڪندي رهي، اجايو گپ شپ ۾ وقت جو زيان نہ ڪري تہ اها چاڙهي چڙهي سگهي ٿي ۽ ڪجهہ سيڪڙو تہ چڙهي بہ ويئون آهن. سوال آهي مرد جي پاران اهڙي وڪاس جو تسليم ٿيڻ“

”مطلب؟“

”مطلب صاف آهي تہ عورت اگربين مردن ۽ زالن سان گڏجي سنسٿائن ۾ ڪم ڪري ٿي تہ پرش جو ڪم ناهي مٿس الزام ڏرڻ“

”ديدي مڪين تہ زالونءَ مردن تي اجايا الزام هڻن ٿيون. اسين عورت سان گڏجي آفيسن، ريلن، هوٽلن وغيره ۾ وهون ٿا، ڳالهايون ٿا، انجو اهو مطلب تہ نہ ٿيو تہ هر عورت جيڪا اسان کي ان دوران گڏجي ٿي انکي اسين زال جو درجو ڏيئي ٿا ڇڏيون؟“

کن ترسي چيتن چيو ”ديدي !ويهي ڏس تہ اهو سارو ڪوتاهہ نظريءَ جو ڏوهہ آهي. هتي مهاتما گانڌيءَ اهو انقلاب آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ جيڪا توهان جي اچا آهي تہ پرش سماج، ناريءَ کي پاڻ جهڙي منهنڌيءَ واري شخصيت سمجهي، ان لاءِ رشيا ۾ لينن گهڻي ڪوشش ڪئي هئي. دنيا ۾ تو جهڙين استرين نہ تہ اهو حق مجهڪي ورتو آهي!“

هرجس مرڪندي پنهنجي نوهار واريءَ لنبيءَ ڪرسي تي وري ليٽي پيئي. چيتن اچا پنهنجي ڪرسي تي اپو وينو هو. اوچتو رڙ ڪري چيڪين، ”ديدي! ڏس تہ آسمان هيٺ لهي آيو آهي!“

هرجس اٿي ان طرف ڏٺو جتي چيتن جي نهار اٽڪل هئي، ”واهہ تلاءُ سڄو ڳاڙهو آسمانبڻجي پيو آهي.“

”آهي نہبلڪل! آسمان سڄو تلاءَ ۾ ڪري پيو آهي...“

اهستي آهستي ڳاڙهاڻ مٽجڻ لڳي. هرجس چيو، ”چيتن هلون“ هاڻي چوندي پنهنجي پيرن ۾ چمپل وجهڻ لاءِ ڳولڻ لڳي.

چيتنبينو ڪيس ڏسي رهيو هو. آخر چيڪين ”هلون؟“

هر جس اکيون مٽي ڪري چيتن ڏي نهاريو.

چيتن ڏٺو هرجس جي اکين ۾ ڳوڙها چمڪي رهيا هئا. ڊگهو ساهہ کڻي ”هلو“ چئي هرجس سهارو وٺي اٿي کڙي ٿي.

# سنڌي جي سڪ

رام ماءُ رومال سان ڳچيءَ تان پگهر اگهندي جو هال ۾ گهڙي ته ڏٺائين ميز مٿي ويني آهي ڪيس ڏسڻ لاءِ. ڪلي چيائين، "يلا ڪشن ماءُ! توڪي چا ٿيو" پاڻ ته نه ملائينءَ مونکي ليئر پورٽ تي وٺڻ ويچارن پوٽن کي مڪئه. جي تختيءَ تي منهنجو نالو لکي ڪنيوبينا هئا.ملئي پر تون اٿي ته سهين! ياڪر ته پايانءِ. ڪيترن سالن ڪانپوءِ ٿي گڏجينم؟"

ڪشن ماءُ سوفا تي ويني رهي. گوڏن ڏي اشارو ڪري چيائين، "سور اٿم ڏاڍو" تڏهن رام ماءُ سندس پر ۾ وينلبار کي اٿاري اڳيان ويهي ياڪر پئي ٻٽيون چميون ڏنيس. هاڻي ڪشن ماءُ جون نهر. رام ماءُ کي پيري پوڻ لاءِ لائين لڳيئيبينيون هيون.

رام ماءُ جو سامان هو چيڪلن وارينبئگن ۾. ڪشن ماءُ جي اشاري سان پوٽنبئيبئگون وجي هڪ روم ۾ رکيون.

نوڪرياڻي هڪ شيشي جي ميز کي چيڪلن تي هلائيندي پاپڙ پاڻي، ٻسڪيٽ ۽ چانهه رکي ويئي.

رام ماءُ چيو، "ئي اما چانهه چا ڪنديس؟" پاپڙ ٽڪڙي وات ۾ وجهي چيائين: "مونکي ڪو ٿڌوٻڌو پيار. گرمي ڪا آهي تنهنجيءَبامبئي ۾." ڪشن ماءُ ننهن کي چيو، "ليئر ڪنڊيشن ذرا تکو ڪر." پوءِ ويني وري رام ماءُ ڪان اسپين جون ڳالهيون پڇڻ. رام ماءُ چيو، "مان ته سچي سرڳ ۾ ويني آهيان. پهرين تون ڳالهه ڪرينم، ڪيئن آمريڪا مان موتيملئينءَ؟"

"اما! ويئي تبارهين مهني لاءِ هئس. پر..." ڪشن ماءُ ٽنگن تي مڪڙون هڻندي چيو، "مئو هڪڙو ته سيءُبيوبولي انگريزي جا ڪانه چاڻان. سو ڏينهن جا ڏينهن گونگي ٿيو ويني هوندي هئس. ٿورو ٿورو پوٽا پوٽيون ڪڏهن سيکاريندا هئم پر مارين کي راند جيبباهه. ٿي وي ڏسڻ جيبباهه."

" رام رام رام... حق تي پجيملئينءَ؟ گونگو ٿي ڪيئن ويهو؟ سوئيبداپي

۾ !مان تہ مارين پوٽن پوٽين جي چانگ ونيو ويني هوندي آهيان. مارين کي ناکر ڏيان تہ ويهي سنان کرايون، کپڙا پايون، وري جپ صاحب سيکاريو ٿمان. ڏاڍيون طوطليون ڳالهيون ٿا کن..“

”سي تہ انگريزيءَ ۾ کندا؟ تہ مان کهڙي لندن جي انگريزي پڙهيل ڏاڏي آهيان، جو مٺا انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندا؟ ننهن پٽ تہ سکيا آهن اسپيني ٻولي، جو دکان تي ٻہ اهڙي هلي تي. ٿوري ٿوري فرينچن جي، ٿوري ٿوري جرمنيءَ جي ٻہ سکيا آهن. پر مان کوڙ چو ڳالهايان. ويچارا منهنجي اڳيان هميشہ سنڌي ۾ ڳالهائيندا. هڪ ٻہ پيرو سو چيومان تہ توهين پاڻ ۾ دکان تي وچي کهڙي ٻہ ٻوليءَ ۾ ڳالهايو. هتي تہ مان توهانکي ٻي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو ٿي ڏسان تہ ٻہ ٿيو ٿي پوان. سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ ٻڌڻ تہ جڻ گرميءَ ۾ ٿڌي هوا جو جهوٽو لڳو.“

کلڻ لڳي کشن ماءُ، ”چڱي اتکل سان سيکاريو لڳئين..“

”ٺڪي ماءِ، اتکل تي چوين“ هڪڙي ڀيري جو هتي ٻہ ٻئي مان اکيلو چاڙهي چڍيلڪون اجمير وچڻ لاءِ، تہ رستي ۾ هڪ اسٽيشن تي هڪڙي ٻڍي کاکي اچي ٿڌو پاڻي پياريو. چيومانس، ”شل سکيو هجين ڀلا!“ ٻس کاکو وهسي پيو. چوي، ”اڙي اما منهنجي تون سنڌڻ آهين! تڏهن تہ اج پاڻي پيارڻ جو ٻڌو پچ ملندم.“ پچيم ”چو ڀلا ٻڌو پچ چا لاءِ ملندءِ؟“ تہ ٿو چوي، ”امان هن اسٽيشن تي هميشہ چيٽ ويساک ۾ جڏهن سنڌ ۾ رستي تي ٿڌي پاڻيءَ جا مٽ ڪٽي ٻيهندا هئاسين تڏهن هر سال کندو رهيو آهيان پر اج سنڌيءَ ۾ ٻہ اکر ٻڌي آٺ تہ ٺڪين پيو سمجهان، جڻ سخت گرميءَ ۾ کو ٿڌي هوا جو جهوٽو لڳو اٿم.“

”ٺڪي واهہ! منهنجي دلدار رام ماءُ. ڀلا ٻڌائينم تہ پوءِ پوٽا پوٽيون سڀ توسان سنڌي ۾ ڳالهائين؟“

”هي تہ ڏس! وري پيئي پچين؟ پوٽا پوٽيون سنڌي ڳالهائيندا اٿم. من! کين جو کير جي چمچي چمچي سان چوان: کير پيئندم هاٽي تہ وار کسندا ماٺهين..“

”ٻس ٻس، تہ چئہ تون هاٽي گهر ۾ ڏاڏي کانہ آهين، ماسترياڻي آهين... مونکان تہ جيکر اهڙو متو هٽڻ کين پچي..“

رام ماءُ پلجي کٽي کشن ماءُ جي گوڏي تي ڌک هٽي چيو، ”اما پنهنجو لڏون

نہ اڪيلو ڇڏيندا هئا.“

”۽ توسان ڳالهائين سڀ سنڌي ۾؟ مئا ڪانوينٽون جو پڙهيا، سي اجايون ويئون...“

”ماٺ ڪر منهنجي ٻيوقوف ٻهندي. ڪوئي ٻڌي نہ وٺيئي!“ ڪانوينٽن جي انگريزي ڏنڊي لاءِ اٿن ۽ مون جو چمچي چمچي سان گڏ تہ ڏيندي ٻارن کي مادري سنڌي ٻولي سيکاري، سا پلي اجهائي وجي؟“

ڪنڌ لوڏي لوڏي ڪشن ماءُ پنهنجي اندر ۾ ڪيتري دير پيچ گهڙ ڪندي رهي. اوچتو ڪجهہ ياد اچي ويس سوفا جي پاسي گهنٽيءَ جو سئچ دٻائين تہ نوڪر اچي ٻيٺو. رام ماءُ کي پڇيائين، ”پلا ڇا پيئندينءَ سوڊا يا لمليٽ...“ چوندي چوندي ڪشن ماءُ ٻوٽ تي وٺو رکي کلڻ لڳي.

رام ماءُ چيو، ”اها گوليءَ واري لمليٽ جيڪا سنڌ ۾ آڱوٺي سان کوليندا هئاسين...“ چوندي چوندي کلڻ ۾ ٺهڪ ڏيڻ لڳي. ڪشن ماءُ چيس ”اصل سنڌ وارا ٻڌلبڌا ٺهڪ ٺيئي اچ تہ سنڌ ۾ سنڌيءَ جي سڪ واسي ڇڏيو اٿيئي.“

# ٻهوساڻ

سندر جي ماءُ کي خبر پيئي ته اڄ سندس ننهن جو ٿي ويءَ تي نرتيه پروگرام آهي. سو سويلهئي اچي، پاڙي واريءَ جهامن ماءُ جي گهر پروگرام ڏسڻ ويٺي.

جهامن جو پروگرام ڏٺو ته سندر ماءُ کي پنيانٻنهي ڪلهن کان جهلي چيڪين، ”امي ! تنهنجو سندر ته پاڳن وارو آهي.“

”ايٻس ڪر هاڻي“... جهامن ماءُ پٽ کي جهڻڪيو، ”مان ته ماريا ههڙيءَ نچڻيءَ سان توکي ڪڏهن نه پرڻايان.“

سندر ماءُ جو منهن لهي ويو. ٽي ويءَ تي جيترو وقت نرتيه جو پروگرام هلئي هليو اوترو وقت ته ڪيس ننهن لاءِ ڪا شڪايت ڪانه هئي. پر جهامن ماءُ جو اعلان، ته مان جيڪر نچڻي ننهن نه وٺان، تنهن سندر ماءُ جو موڊ ئي خراب ڪري ڇڏيو. واپس گهر ۾ اچي ته ننهن جو ناچ ڏٺي اکين اڳيان ڦريس. جهامن ماءُ جا اکر ٻه مغز ۾ گهمي وڃيس.

سندر رات جو دير سان گهر ۾ آيو. ماءُ ڪاڏي جي ٿالهي پٽ جي اڳيان رکي، پاڻ مور جهور ٿي وچي ڪرسي تي ويٺي.

سندر چيو سياڻي ٿي وي وارو ٿي وي ڪٿي ايندءِ.

”آخر ٿهي ويئي... اڄايو اڄهين جي درن تي ڏکا ڪلڪتا پيا.“

سندر چيو، ”ڪڪين چو ڪونه ٿي؟“

”گرهه ڳيسيم ته ڪان نه!“

سندر ته چرڪ پري مٿي ڏٺو، ”چو ڪجهه ٿيو آهي چا؟“

”اڄ ٽي ويءَ تي ڏسي آيس تنهنجي نيلم نچڻي. مان ڪونه انهيءَ سان شادي ڪرڻ ڏيندي سانءِ.“

”تڏهن ڪنهن سان ته مان شادي ڪرڻ وارو ئي ناهيان.“

”ته ناچ ڇڏڪيس.“

”اما! چا پيئي چوين؟ ڪيڏا خرچ ڪري ته هن ڪڙيءَ تي پهتي آهي“ جهڙي اپسرا... تون ته شو جي پوڄارڻ آهين. شو جو تانڊو نرتيه نه ڏٺو اٿيئي؟“

”اهي ٿيا ديوتائون. انهن جي ڳالهه ئي نه ڪر. مان سيني جون ڳالهيون ٻڌندي رهان ته نچڻي ننهن ورتي اٿس!“

”ڪير آهن اهڙا چريا؟ هونديون ڪي مدي خارج زالون ٻاقي ٺهين نسل مان ڪير ڪين چوندو ته نرتيه ڪلا خراب چيز آهي. خبر اٿيئي مدراس ۾ هرڪا ڇوڪري نرتيه سکندي آهي.“

”ته اسين مدراسي آهيون ڇا؟“

”الائجي ڪهڙا چريا ماڻهو آهن؟ هاڻي اسانجي ڪملا کي راڳ جو هيڏو شوق آهي“ ”مان ڏسج ڪيئن تي اهو ڪاڪڙوءِ ئي پٽي رکانس. اجان ننڍي آهي. ملڻتي متيءَ جا ڏينهن ٿين ته ڏسج ڪيئن ٿي نرگهٽ ساڙي رکانس!“

سندر سوچ ۾ پئجي ويو. ڪيس ماءُ جي شڪل ۾ ڪالي ماتا نظر آئي. پر رات جو سمهڻ مهل وري سندر کي اهو نظارو اڳيان ڦرڻ لڳو جڏهن نيلم تي ويءَ تي نرتيه لاءِ وڃي رهي هئي ته پهرين گروءَ کي نمسڪار ڪري اچي سندس اڳيان ٻبيٺي هئي. سندس پاڪ پوتر من اڇل کائي هن ديوتا سروپ مورتيءَ کي ويڙهجي وڃڻ چاهيو هو.نيلم هٿ کڻي سندس پيرن تي رکيا ۽ وري اهي آڱريون ڏاڍيءَ صداقت سان پنهنجي اکين سان ڇهڻي ڇڏيائين. سندر جي انگ انگ ۾ هڪ سنگيت گونجڻ لڳو. آه زندگي! سرڳ! سرڳ آهي سچو. سندس لاليءَ لڳل هٿ جهڙا ملايم گلاب جا گل. نيلم سجي ساري سندر وسترن ۽ منين ۾ سينگاريل پارت ناٽيم جي پهراءُ ۾ سونهن جي ديوي تي لڳي. سندس مرڪندڙ چپ ته سندر ڪان وسريئي نٿي.

اوچتو سندر جي ڇاتيءَ تي ڪنهن اچي هٿ هنيا. سندس سپننو سنگيت ٽٽي پيو.

”مان ٻڌائي تي ڇڏيانءِ، مونکي اها ننهن گهر ۾ آڻڻي ناهي!“ چوندي چوندي ماءُ گهڙيءَ سندر جي ڇاتيءَ تي ٻه ٻجا تي هنيا، گهڙيءَ پنهنجو متو تي پٽيائين ٻلڪل هسٽيريا ۾ اچي ويئي. تڏهن سندر ڪيس پاڪر پائي چيو. ”اما جيئن تون چوندينءَ

تنهنجي جوءِ جي اهڙي ڇايا پيئي آهي منهنجي ڌيءَ مٿان جو هوءَ به هاڻي ”تلجو“ ٿيڻ چئي اچي روئڻ ۾ ڇنڪي.

سندر چيو, ”تون اهو چو نه ٿي ڏسين ته ڪملا وڏي ٿي آهي ۽ گهر ۾ نيلم سان ڳالهائڻ ڪان به منع اٿس ته هوءَ بچي هنڌ پيار ۽ وندر ٿي ڳولهي. تون جلدي ڪيس پنهنجي دلپسند ڇوڪري سان پرڻائي ڇڏ. ”ماءُ چيو, ”پر پهرين جوءِ کي گهر مان ڪڍ.“

سندر آخر ٻڏي ٻڏي چيو, ”نيڪ آهي جوءِ اڪيلي ته هن گهر مان ڪانه نڪرندي, ضرور مونکي به نڪرڻو پوندو.“

ماءُ ٻئي ٻجا ڪٽي پنهنجي مٿي تي هنيا ۽ چيو, ”ڪني ڇوريءَ جي لاءِ ماءُ کي ڇڏيندين؟ جنهن کي اجا نياڻي ڪرڻ جو ٻار ڪلهن تي پيو آهي!“

سندر چيو, ”تون ئي ته لاچار ٿي ڪرين نه.“

هفتو گذري ويو. ماءُ پٽ, سس, ننهن ڪنهن کي به هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ جي همت ڪانه پئي ٿي.

ڪملا کي راڳ ٻڌڻ کان منع ڪئي ويئي هئي. ٻالڪنيءَ وٽ ٻيهڻ تي به ٻندش هئي. سڄو گهر ڪنهن عجيب گهٽ ٻوساٽ ۾ گهٽجي رهيو هو.

هڪ رات اڌيءَ جو ماءُ اٿي رڙيون ڪندي پٽ جي ڪمري ۾ گهڙي ٿي. ايساهيءَ ۾ پٽ کي ٻانهن کان پڪڙي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ٿي.

سندر ڏٺو ڪملا تڏي تي به سڏ پيئي هئي. سندس وات مان گجي پئي نڪتي.

ميز تي مس ڪپڙيءَ هيٺان رکيل هڪ پنو پئي اڏاڻو. سندر مس ڪپڙي هٽائي پنو ڪٽي پڙهيو, لکيل هو:

”ممي! هيءَ گهٽ ٻوساٽ سني نٿي ٿئي. ياچڪيءَ سان نه ڳالهاءِ. هڪ ئي گهر ۾ ٻه گهر آهن...

”راڳ نه ٻڌاءِ ٻالڪنيءَ ۾ نه ٻيهه, ساهيڙين سان نه ڪل, تلجي سان نه ڳالهاءِ... تون چوندي آهين ڇوڪريون ٽڪي ٽيهه ٻئي سي ويهه, سو تلجي کي ته ڪوئي نقصان ڪين پوندو.. ملي ويندس ڪا مهانگي ڇوڪري. پر مون لاءِ... ڇوڪرا ته ٽڪي

پيئي.“

ڏنوءَ پنهنجا وار پٽي چيو، ”مئا هان وٺ پاڻ کي ماريان؟ ڪهڙي فينسٽڪي منهنجي هلندي؟ جڏهن شون ڇهي چڪو آهي ته تنهنجي عمر مونکان چار سال وڏي آهي ته ڇا انکانپوءِ به ڪيس بڌي رکي سگهان ٿي؟“

”اڙي انهيءَ ٿوپڻ کي به ته نه بڌ هوءَ ته به خمل ۾ ويڙهي رکڻ جهڙي گڏي چو ٿي مٿس نڇاور ڪرين؟“

”وڃ چريا، گڏيءَ پاٽيهي اڇي گڏ وڳولهيو آهي ته مان ڇا ٿي ڪري سگهان؟“

”گڏو نه، ٿوپڻ چئه. ڳوليو اٿس.“

”تون حد آهين گرڌاري، مونکي چوين ٿو ٿوپڻ کي هٿن مان ڇو ٿي وڃايان ۽ رتنيءَ لاءِ شون توکي ٿوپڻ ٿو لڳي.“

”اڙي ڏنو چري! رتني رتني آهي رتني ڏنو ناهي.“

”ها پڪي رتني تولاءِ گڏي آهي ۽ ڏنو هڪڙي ٿوپڻي آهي ڇو جو پيڻ اٿيئي نه.“

”اڙي بابا توکي ڪيئن سمجهايان....“

هفتي کن ڪانپوءِ گرڌاريءَ ڏنو رتنيءَ سندس پيڻ ڏنوءَ جي گود ۾ منهن وجهو ويني روئي. ان مهل ته اتي ڪين ترسيو پر ڪاليج مان موٽيو ته سڌو ويو ڏنوءَ جي ڪمري ۾، ”چي، ٻڌاءِ اڄ رتنيءَ رنو ڇو پئي؟“

ڏنوءَ اکيون ڦاڙي چيو، ”هي ته عجيب مهاڀارت آهي بابا! اڄا ڪو شنڪ به ڪونه وڃيو آهي ته لڙائي شروع ٿي ويئي آهي.“

”مطلب؟“

”شون چويس ٿو: اسين شادي ڪنداسين سول مئريج، يعني شادي جنهن ۾ پاڻ منجهه نه نهي سگهن تي طلاق به ڏيئي سگهون.“

”ها، اها ته سني ڳالهه آهي؟“

”چريو آهين گرڌاري! سوچ ته سهين، هيءَ گڏي آهي ڪهڙي گهر جي بلڪل جهوني زماني جي ڇوڪري.“

”ڇا پئي چوين ڏنو! جيڪا ڇوڪري پاڻ پنهنجو مڙس ڳولهڻ نڪتي آهي؟..“

”اڙي‎ٻلبا تون ڪجهه ڪين سمجهندين. چوڪري مڙس ڳولڻ ڪانه نڪتي آهي. شون جو ڪوئي ليک پڙهيو اٿس. جنهن ۾ شون لکيو هو ته ٺئين زماني جي چوڪرن کي گهرجي چوڪرين کي پاڻ جهڙو سمجهن ۽ اسرڻ تي جهوني زماني جي مردن وانگرٻندشون نه وجهن..“

”اڙي انهيءَ ڪري هيءَ گوري هلي آهي شونجي جي دواري؟... پر مونکي ته عجب ٿو لڳي ته هنٻخمل جي گدي کي ڪهڙو اسرڻ جو وجهه ڪپي؟“

”اڙي‎ٻلبا هن کي آهي ڳڻڻ جو شونق..“

”اڇا اڇا پر هن شون جي مڙهيءَ ۾ ڳڻٽو ته نه. جهولٽو سو پوندس..“

”گرڌاري تون شل ڪنهن لاءِ ڏڪار ڌارڻ نه شروع ڪرينٻس انجي هر ڳالهه جي ڪل اڻڻيندين. شون کي توئي گهٽين ۾ ڳڻيندو ڏنو آهي.“

”چڏ ڏنو. انکي تون ڇا ڳڻڻ تي سمجهين؟ اهو ڦاٽڻ چئه. واڪا ڪرڻ چئه. نعرا هڻڻ چئه. مهرباني ڪري انکي ڳڻڻ جو شرف نه ڏي..“

”چڱو چڱو تونٻبس‌ٺئين چوندين. هڪڙ مزيدار ڳالهٻڌايانءِ؟“

”هون.“

”رتنيءَ کي جڏهنٻڌايم ته شون گهٽينٻازارين ۾ٻهي ڳڻيندو آهي ته چوڻ لڳي تمام سٺي ڳالهه آهي. تانسين اگر غريبٻستيءَ ۾ وڃي سر سينگار رچائي ته تانسين جي شاهاڻي دل کي ساراهڻ ڪانسواءِ رهي ڪونه سگهبو.“

”تنهنجو مطلب. پاڻي انهيءَ ڪڙي ٽئين چڙهي چڪو آهي!“

”توکي چيم جو رتنيءَ آهيئي اهڙي سياءَ جي جو رڳو ثوابئي ثواب ڏسڻ ۾ ايندو اٿس عيب ڏسڻ جي شايد قوتئي ڪين اٿس..“

گرڌاريءَ دل ۾ سوچيو يا ته رتني سچ پچٻلڪلئيٻيوقوف آهي يا ڏنو حسد وچان کيس اهو لقب ڏنو آهي. کيس رتنيءَ جي اڄ واري هلت سان پهرين ڳالهه وڌيڪ ٺهڪندي نظرٺئي نه ته سول ٺريج ته عورت لاءِ آزاديءَ جو پروانو آهي. اها ڳالهه نه سمجهي سگهڻ واري چوڪري واقعيٻيوقوف هوندي..“

”خير چڱوئي ٿيو.“ چئي گرڌاري هٿ چندبي اٿي ڪڙو ٿيو.

دعوت ڏني.

رتني هوٽل ۾ ملڻ کان پوءِ ته سندس ويس بلڪل ئي بدليل هو. ڪڏهن ڪڏهن پڇندي ڏنو، رتنيءَ کان ڪئين سوال پڇندي ويئي.

شون جي موت بعد ان سندس زنده هجڻ جي خبر ٻڌي ڏنو جا ڏند چپن سان لڳي ويا. ”ته چا لاءِ تو ڪيو آهي وڌوا جو ويس؟“

”بس...“ اکين ۾ چلڪندڙ آنسون ڪلي رهيا هئا يا روئي رهيا هئا، چوڻ ڏاڍو ڏکيو هو.

”شون کي مان وڌيڪ سهي نه سگهي ڪين. منهنجي ڪلهه ڳالهه سڻي نه لڳس. منهنجي گلئن ڪلا تي بندش وجهي ڇڏيائين.“

”پر ساري زندگي ته ڪوئي گلئن ڪلا ڪون ويهي ڏيکاريندو؟“

رتنيءَ جون اکيون ڏنو جي منهن تي هيون. ڏنوءَ کي لڳو انهن اکين اندر هڪ سرءُ جي رت وارو طوفان ڪڙو آهي. جنهن ۾ زندگي جا سڪل ڪک پن، اڏي... نه... رڙهي رهيا آهن.

”سمجهيم تو شون سان شاديءَ انڪري ڪئي هئي جو هن جو ليک پڙهيو هوءِ ته هو توکي پنهنجي ڪلا جو وڪاس ڪرڻ ڏيندو.“

”مگر ڪوئي سندس سنگت ۾ رهي پنهنجو وڪاس ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ويچار جي گهمنڊ ڪيس سڻڪي ڇڏيو. جيڪي به گلئن ديا جا ڪلاونت منهنجي سنگت ۾ ايندا هئا، انهن لاءِ ڪيس شڪ ٿيندو هو ته هو مونکي ڏاڍو چاهين ٿا...“

”پر رتني! تون آهين ئي چاهڻ جهڙي. هيڏيءَ عمر ۾ به تنهنجي ڪاڏيءَ جي ڪڏ ۽ ڪلڻ مهل ڳلن ۾ ڪڏڙيون ڏاڍيون وڻن پيئون.“

”شون جي پالنا اهڙي ٿيل هئي جو هنجي ڪڏهن منهنجي سونهن تي ته نظر ڪانه ويئي پر ٻين جي نظر تي به ساڙ تي ڪاڻائين.“

”مگر رتني اهي ننڍيون وڏيون ڳالهيون ته هر ناريءَ جي زندگيءَ ۾ پيئون اچن. ان جي ڪري تون شون کان ڌار رهين ۽ وڌوا جو ويس ڪرين مونکي ته ڳالهه ڏاڍي ڏک ڏيندڙ ٿي لڳي. منهنجي گهوٽ لکين رپيا ڇڏيا آهن مون لاءِ پر سندس

سرڳواس ٿيڻ کانپوءِ ڪيتري اڪيلي ٿي پيئي آهيان توکي سمجهائي نٿي سگهان."

"اڙي ديدي!" رتني اکين ۾ آنسون پري ڏنو جا آنسو اگهڻ شروع ڪيا.

"ڇا منهنجي اڪيلائي مونکي تنهنجي اڪيلائيءَ جو احساس نہ ڪرائي سگهندي هوندي؟"

ٻنهي ڀانهن کان رتنيءَ کي جهلي ڏنوءَ اوچنگار ڏيئي چيو. "پوءِ ڇو ڇڏيائي آهين شون کي؟"

"اوهہ! ڪاش ڪوئي مونکي سمجهي سگهي. منهنجي ملائم طبعيت، منهنجو سيني سان قربائتو وهنوار، پيد پاو کان پري من جو آنند، سڀ هن لاءِ کندلائڻجي پيا. مٿ ملئت منهنجي همدرد سياءَ ڪري ويجهو اچڻ لڳا تہ شون کان سٺو نہ ويو."

"سمجهہ ۾ئي نٿو اچي اهڙي خيالات ڪيئن اچي ويئي شون وٽ؟ منهنجو پاءُ... منهنجو گرڌاري تہ شروع کان هن شاديءَ جي خلاف هو. هن نيڪئي پرکيو هو. توهان لاءِ چوندو هو اتر ۾ ڏکڻ ڪڏهن مليا آهن... مان چوندي هئس سچو پيار ۾ پتي پڳتي آهي ڪنهن ڇوڪري جي اندر، تہ شو پاروتيءَ وانگر ميل ڪائي رهندا..."

"مگر گرڌاري هاڻي ڪٿي آهي؟"

"گرڌاري؟" ڳوڙها اگهي ڏنو مٿي آگر ڪئين، سرڳ ۾ آهي. گرڌاريءَ کي زال اهڙي روڏ مليس جو ڪائڻ، پيئڻ ۾ جيئڻ حرام ڪري ڇڏيائينس. ڏاڍي وڏي ۽ ڇڙواڳ خاندان جي ڇوڪري هئي، سجو ڏينهن سگريٽ لاهي سگريٽ چاڙهي، هتان قرض هتان قرض ٻاهر جون ٽرپون هٽي، خوب فارين جا مال وٺي ايندي هئي، پر گرڌاري خود ليئرپورٽ تي سمگلرن مٿان نظر رکڻ جي عهدي تي هو ۽ خود سندس زال هڪ ڏينهن پڪڙجي پيئي. گرڌاري ٻي عزتي سهاري نہ سگهيو ان مهلئي وچي ليئر پورٽ جي ٻلڊنگ مان ٽپو ڏيئي آپگهات ڪري ڇڏيائين..."

"اوهہ..." ساهہ پڪڙي ٻڌندڙ رتني جي زبان مان نڪري ويو. "ڪاش طلاق

ٺيڪ ڇڏي ها اهڙيءَ زال کي!"

"طلاق؟" ڪلي ڇيو ڏنو. "تونڪي ھڪيڪن نہ رتني! جنھن ڪنھن ڏينھن منھنجي گود ۾ منھن وجھي اچي رنو ھو تہ شون ڪي سمجھڪيس تہ "سول مڪريج" نہ ، "ھندو شادي ڪري مونسان, مونکي طلاق جي نالي ڪانڀہ نفرت آھي."

اڄ رتنيءَ جو ڪنڌ ھيٺ ھو. آھستي چيڪين, "آپگھات ڪانڀچڻ لاءِ مونڀہ طلاق وٺي ڇڏيو آھي..."

پڦيءَ جي هن ڳالهہ تي سڀ ٺهڪ ڏيئي کليا هئاسين. مگر اڄ جڏهن ڪنجهي جهڙي ڪل واري مينو نہ رهي آهي تہ مونکي اهي يادگيريون تيزاب وانگر پيئون ساڙين. 19 سالن جي نوڪريءَ اسانجي گهر ۾ الاجي ڪهڙيون ڪهڙيون فلمون ڏٺيون هونديون. وڃڻ جي ڳالهہ تہ نوڪر اڃا جيئرو هو منهنجي دل تانءِ نٿي لٿي.

رات جو ڪيڏي دير تائين مونکي ننڊ نہ پئي اچي، اٿي اچي بالڪنيءَ ۾ ويٺيس. گهر جا اٺئي ڪمرا اڄ سنسان پيا هئا. اڳي تہ هن مهل تائين هن گهر ۾ ڏينهن هوندو هو. اٺئي ڪمرا جهاڙن ۽ بلبن جي روشنيءَ سان، دوستن ۽ ساهيڙين جي ناچ ٽاپ ۽ انگريزي ڌنن سان پيا وڄندا هئا، اڄا تہ بلباجن پر وارو هڪ پيو بہ فليٽ خريد ڪرڻ لاءِ رقم ادا ڪري ڇڏي هئي... پاڙي وارا اسانکي ڀاڳيشالي سمجهندا هئا... مگر مينوءَ جي خون ٿي وڃڻ تي تہ ڪاري چادر وچائجي ويئي هئي هر چيز مٿان. پاڙي وارا هاڻي اسان لاءِ ڇا سوچيندا هوندا، سو تہ خدا ڄاڻي، ليڪن مٿن ملڻ تہ حد ڪري ڇڏي هئي. جيترا هئا مک اوتريون ڳالهيون هيون. وري بہ پڦيءَ جي باڪار سيني بہ ڏي هئي جنهن رڙيون ڪري ڇاتي پٽي پٽي پئي چيو، ”منهنجي ڪونجڙيءَ موت قبوليو پر عزت نہ وڃايائين“ هن قسم جون ڳالهيون ڳٽي ڳٽي مان ڏاڍي بيزار ٿي پيئي هئس بالڪنيءَ ۾ بيٺي مونکي تارن پريو آسمان بہ اوتروئي پري ٿي لڳو جيترا هي تيرهن ماڙ هيٺ ڌرتي تي. اوچتو ڪوئي پکي ڇهہ ڇهہ ڪندو آڪاس ڏي اڏامي ويو.

هيڏيءَ رات ڪٿوئي مينوءَ وانگر هيءَ ولر کان وڇڙيل پکيءَ جي اڏام! اف هيءُ منهنجو وياڪل من! ڪهڙي آڪاس تي ڳولي پنهنجي ڪونجڙيءَ کي....